SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# پيار جو پکيئڙو

ناول



مترجم:
لڇمڻ ساٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

SHERALI
15-8-93

122

# پيار جو پڪيٽڙو

( پيار ۽ نفسيات سمبنڌي جو روماني ناول )

صرف بالغن لاءِ

## امرتا پريتم

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عظمت ادبي اڪيڊمي نمبر 68

# پيار جو پڪيئڙو

ناول:

صرف بالغن لاءِ:

مصنف: امرتا پريتم

مترجم: لڇمڻ ساٿي

ٽائيٽل: فتاح هاليپوٽو

ڇاپو: ٽيون

جون 1991

قيمت: 12.00

ڇپيندڙ: احمد برادرس پريس ناظم آباد ڪراچي

ڇپرائيندڙ: م-ع ميمڻ- عظمت ادبي اڪيڊمي

13- نظام لاج ڪاڏي ڪاتو حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH



بتيءَ کي چئني طرفن کان پتل جو هڪ ڍڪ چڙهيل هو. ڪمار جڏهن به اها بتي ٻاريندو هو ته ان جي روشني ڍڪ جي سوراخن مان ڪير جي ڌارائن والگر وهي ڪمري جي ڀتين ۽ فرش تي روشنيءَ جو ڇٽ وسڪارو ڪندي هئي. هيءَ بتي ڇت ۾ لڳل هئي. ٻي بتي ڪمار جي ميز تي رکيل هئي جنهن مٿان پڻ پتل جو ڍڪ چڙهيل هو ۽ بتيءَ جي روشني هن سان ٽڪرائجي ميز تي رکيل پيالي ۾ سمائجي ويندي هئي. ائين اهو پيالو پرنور ٿي رهندو هو.

ڪمار جڏهن به ڪنهن سوچ ۾ هوندو هو، ته ميز واري وسامبل ۽ ڇت واري بتي روشن هوندي هئي. اها روشني جنهن ۾ پتل جي سوين سوراخن مان وهندي ايندي هئي تنهن ۾ ڪمار جي خيالات به الڳ الڳ سوين لڪيرن تي هلندي ۽ ترندي رهندي هئي. ۽ پوءِ جنهن ۾ هنجي ذهن ۾ اهي لڪيرون گڏجي مسجي هڪ تي وينديون هيون ته هو ڇت واري بتي وسائي ٽيبل واري بتي روشن ڪري ڇڏيندو هو. روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ ئي جڳهه جمع ٿيندي شيشي جو پيالو ڀريندي رهندي هئي ۽ ڪمار جي ذهن ۾ ايرلنڊز تصوير سامهون رکيل ڪاغذ تي چٽجڻ شروع ٿي ويندي هئي...
اڄ ڪمار لڳاتار ٽن ڪلاڪن کان ميز تي ڪنڌ جهڪائي پنهنجي ئي خيالات ۾ گم ويٺو هو،
الڪا ميز وٽ ايندي، اسٽول تي ڪافيءَ جو پيالو رکندي آهستي چمچي کي ڪوپ سان ٽڪرائي آواز ڪيو جنهن ڪمار کي معلوم ٿئي ته هن اسٽول تي ڪافيءَ جو پيالو آڻي رکيو آهي. پر ڪجهه دير ڪانپوءِ الڪا ڏٺو ته ڪافي جو پيالو جنهن جو ٿڌن اتيئي اسٽول تي رکيل آهي ۽ ڪمار به جنهن جو ٿڌن ميز تي ڪنڌ جهڪايو پنهنجي ئي ڪم ۾ محو آهي.
الڪا ٻيا ڪجهه چوڻ جي بجاءِ پيالي کي ٿورو اڳتي وڌايو. ڪمار اچاتڪ نظرن سان اوڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ وري پنهنجي ڪم کي لڳي ويو.
الڪا کي ڪمار جي اسٽوڊيو ۾ ڪم سکندي ڇهه مهينا ٿي ويا هئا ۽ انهن ڇهن مهينن ۾ ئي هن پهرئين مهيني ۾ ئي هن کي معلوم ٿي ويو هو ته ڪم ڪندي ڪمار تي پيالي سان چمچي جو آواز يا ٻيو ڪو به ڪڙڪو اثر نٿو ڪري!
اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڪمار ڪنڌ مٿي ڪيو. هو جڏهن به گهڻو ٿڪجي پوندو هو ته هنجي پيشانيءَ تي

هڪ نس اڀري ايندي هئي. ان نس جي چڪ هنجون اکيون به محسوس ڪنديون هيون . هن اکيون بند ڪيون ۽ آڱرين سان نس کي ڇهندي الڪا طرف ڏٺو

”هڪ پيالو ڪافيءَ جو ملندو؟“

الڪا اسٽول تي رکيل ڪافيءَ جو پيالو کڻيون ۽ ورانڊي طرف هلي ويئي . رلڊٽو ٽورو ٻريـــرو هو انڪري هن چانهه وغيره جو سامان ورانڊي ۾ ئي رکي ڇڏيــو هو. اسٽوءَ تي ٻاٽي رکي ٿڌي ڪافي هيٺ هاري ؛ پيالو صاف ڪري واپس جڏهن ڪافيءَ جو گرم پيالو کڻي هوءَ ڪمري ۾ آئي ته ان وقت ڪمار ميز تي رکيل ڪاغذ کي نهايت غور سان جاچي رهيو هو.

” اڄ هيتري خوشبوءِ ڪٿان ٿي اچي؟“ ڪمار ائين پڇيو ڄڻ هو خوشبوءِ کي سنگهي ته پڻ ڳولي رهيو هو .

الڪا به تصوير طرف چهرو ڦيري ؛ ان تصوير ۾ اڪريل ڇوڪريءَ جي وارن ۾ لڳل گلن طرف ڏسندي چيو؛

” هنن گلن مان ئي اچي رهي هوندي“

الڪا جي هٿن مان ڪافيءَ جو پيالو ونڊو ڪمار بي اختيار ڪلي ويٺو . چيائين ”الڪا“ هوش حواس ايترا ڪونه وڃايا اٿم جو ڪاغذ تي نڪتل گلن مان خوشبوءِ اچڻ لڳيم! “

الڪا خاموش ٿي ويئي. سامهون رکيل گلدستي طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ائين ڏٺائين ڄڻ چٽي رهي هجي ... اينترا هوش ۽ حواس نه ضرور سالم اٿئي جو ڪمري ۾ رکيل تلزا گل اڃان تائين ڪونه ڏسي سگهيو آهين!” اهي گل صبح جو اينديئي الڪا گلدستي ۾ سجائي رکيا هئا.

“ اوه... ” ڪمار ڄڻ هوش ۾ هئڻ جي دعويٰ واپس وٺندي ۽ ڪافيءَ جو گرم ڍڪ پريندي چيو “ پر اها عادت سٺي نه آهي!”

“ڪهڙي عادت ؟”

“ڪافيءَ جي عادت گلن جي عادت ...”

“ ۽ ؟ ”

“ پيسي جي عادت ... شهرت جي عادت ... عورت جي عادت...”

“۽ پنهنجو پاڻ جي عادت؟ ،،

“مطلب؟ ،،

“پنهنجو پاڻ جي عادت ٻ نه وڃهڻ گهرجي . ڪڏهن ڪنهن مائيڪل اينجلو کي مائيڪل انجلوئي رهڻ گهرجي تــه ڪڏهن بازار ۾ ويهندڙ هڪ حلوائي بڻجــي وڃڻ گهرجي. ڪڏهن تيل ۽ لوڻ وڪڻڻ وارو واڻيو نه ته ڪڏهن پان پٽڙي وڪڻڻ وارو...”

ڪمار ڪلي وينو. “الڪا، اصل ۾ تون اڃا سمجهيو ئي نه آهي صرف پنهنجي پاڻ واريءَ عادت لاءِ پي ڪا ٻ عادت نـــه وڃهڻ گهر جي. منهنجي خيال موجب تــه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجو ڀاڻ جي مڪمل عادت اڳهين ئي غائب ٿيڻجي سگهندي جڏهن ماڻهو ٻين سڀني عادتن کان آجو ٿي ويندو"

"ها، اهو مڃانٿي. پر منهنجي خيال ۾ شهرت ۽ عورت ۾ وڏو فرق آهي."

"ڪنهن به هڪ ۽ ٻيءَ عادت ۾ فرق نه هوندو آهي هڪ دفعو جيڪڏهن..."

"چپ ڇو ٿي ويا؟"

"تنهنجي ٻدران ڪا ٻي ڇوڪري هجي ها ته شايد چپ رهان ها ۽ وري موکي ڪنهنکي به ڪجهه ٻڌائڻ جي ڪا ضرورت ڪانه ٿي آهي. ضرورت هاڻ به نه آهي. پر شايد ٻڌائڻ ۾ ڪو به نقصان به نه آهي. تون مون کي غلط نه سمجهندينءَ."

"موکي ٻاڻتي ڀروسو آهي."

"مون اهو ٻڌي ٻڌائڻ چاهيو ته هڪ دفعي مون ۾ هڪ اهڙي بک جاڳي هئي جو مان ڪيترا ڏينهن سمهي نه سگهيس اها... اها صرف جسم جي بک هئي... هڪ عورت جي جسم جي بک! پر مان ڪنهن به عورت کي اهڻائڻ لاءِ تيار ڪو نه هوس ۽... ڪڏهن تيار به نه ٿيندس. انڪري مان ڪجهه ڏينهن هڪ اهڙيءَ عورت وٽ ويندو رهيس جيڪا هڪ ڏينهن جا ٢٠ روپيه وٺندي هئي. پر منهنجيءَ آزاديءَ جي ڪا به تقاضا

ڪانه ڪندي هئي.
الڪا ڪجهه به نه، ڇيو صرف يڪٽڪ ڪمار طرف ڏسندي رهي...
”تون دل جي ڳالهه سمجهين ٿي نه؟“
”ها.“
”يا تون ائين ٿي سوچين ته مان سنو ماڻهو نه آهيان؟“
”نه مان ائين نٿي سوچيان.“
”پر تون ڪجهه ته ضرور سوچي رهي آهين“
”ها“
”ڇا؟“
”ته ڪاش مان اها عورت هجان ها جنهنکي تو هان روز ويهه روپيه ڏيئي وٺس وينديا آهيو.“
”الڪا!“
ڪمار جي هٿن ۾ ڪافيءَ جو پيالو ڏڪڻ لڳو... پر الڪا جيئن جو تيئن بيٺي رهي ڪدار گهبرائجي ديوان تي ويهي رهيو.
”مون چيو نه ته شهرت ۽ عـورت ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي.“
”مون ڪونه سمجهيو.“
”شهرت پنهنجي پاڻکي سمجهڻ ۾ مدد نٿي ڪري پر عورت ان سلسلي ۾ اينتري مدد ڪندي آهي جيئن ڪنهنجو فن انجي مدد ڪندو آهي“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"ڏن ڏنڪار جو هڪ انگ، عضوو ئي هوندو
آهي ... جهڙن ... ٻانهون ... هٿ ... پير ..."

"محبت به اسانجو هڪ انگ ئي آهي. جيئن
اکيون ... جهڙن زبان ... شايد ان کان به وڌيڪ. هي
اکيون نه پر اکين جي نظر هوندي آهي ... نظر به نه پر
هڪ نقط نظر هوندي آهي ..."

"۽ منهنجي نقط نظر بلڪل الڳ آهي؛ الڪا."

"مان ڄاڻانٿي."

"اها تنهنجي نقط نظر سان ڪڏهن به ميل نه
کائي سگهندي!"

"شايد."

"شايد نه، حقيقت آهي."

"مون ائين ته نه چيو ته ڪڏهن ميل کائيندي."

"تڏهن؟"

"مون ته ڪجهه به نه چيو."

"پر تو ائين چو چيو ته ڪاش تون ..."

"اها عورت هجان ها، جنهن کي توهين روز ويهه
روپيه ڏيئي وٺس ويندا آهيو."

تو ائين چو چيو؟

"روپيا ڪمائڻ لاءِ ..." هاڻ الڪا ڪلي ويٺي. پر
ڪمار جي ڪل هنجي ڳلي ۾ ئي اٽڪي پيئي.
چو روز ويهه روپيا ڪافي نه آهن ڇا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون ايتري گنڀير ڇوڪري ...
مان سچ پچ ڏاڍي گنڀير آهيان؟
ها؛ پنهنجي ڪم ۾ ته ضرور آهين.
مان زندگيءَ ۾ به بلڪل اهڙي ئي آهيان.
پوءِ تو هڙي قسم جي ڳالهه ڪيئن ڇئي؟
انڪري ڇا ڪاڻ ته مان گنڀير آهيان.
پر هوءَ گنڀير ڳالهه ؟
اهڙي گنڀير جو هن کان وڌيڪ گنڀير ڳالهه ٻي ٿي نٿي سگهي.
الڪا؛ مان ائين سمجهي ئي ڪو نه سگهندس ...
۽ جيستائين نه سمجهندس تيستائين من ئي من ۾ ترڦندو رهندس.
ته پوءِ وساري ڇڏيو ته ڪا مون اها ڳالهه ڇئي هئي.
تون وساري سگهندينءَ هن ڳالهه کي؟
مان توهانکي ڪڏهن ياد ڪا نه ڏياريندس.
اسين روز نيڪ ائين ڪم ڪنداسين جيئن پهرين ڪندا آيا آهيون.
اسين روز نيڪ ائين ڪم ڪنداسين جيئن پهرين ڪندا آيا آهيون.
اسين ڪا به ذاتي ڳالهه ٻولهه ڪو نه ڪنداسين.
اسين ڪا به ذاتي ڳالهه ٻولهه ڪو نه ڪنداسين.
اسين صرف پنهنجي ڪم سان واسطو رکنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ـمين صرف پنهنجي ڪم سان واسطو رکندا سين.
ـن منهنجي زندگيءَ ۾ ڪو به دخل نه ڏيندين.
ـن توهانجي زندگيءَ ۾ ڪو به دخل ڪا نه ڏيندس.
ـاص ڪري محبت جي ڪا به ڳالهه ڪا نه ڪندين.
ـاص ڪري محبت جي ڪا به ڳالهه ڪا نه ڪنديس.
الڪا!

چٽو.

تون تـــه ائين پيئي چوندي وچين؛ جيئن ڪو
ـاگرد پنهنجي ماستر اڳيان ايڪ ڏون ڏون ۽ ٻه ڏون چار
ـارو سبق ياد ڪندو آهي. الڪا، تون سيريس چو نه
ـهين؟

مان بلڪل سيريس آهيان. مان سڀ واعدا ائين
ـهرائي رهي آهيان. جيئن ڪر منتر اچارڻ وقت ڪوئي
ـروءَ جي اپديش ڪي ياد ڪندو آهي،
ڪمار پنهنجي پيشانيءَ تي ايري آيـل نس ڪي
ـگرين سان ڇهيو ۽ چيائين: ”الڪا؛ مان توکي بلڪل
سمجهي نه سگهيو آهيان.“
ـر مان پنهنجو پاڻ کي سمجهي سگهي آهيان.
ڪمار اچا تائين ميز واري بتي ڪا نه وسائي هئي.
ـهن هڪوار ميز تي پيل ڪاغذ طرف ڏٺو ۽ پوءِ ميز جي
ـتي وسائي ڇت واري بتي ٻاري ڇڏيائين- ڇت واري
ـتيءَ جي روشني پتل جي سوراخن مان سنهڙين سنهڙين



Scanned with CamScanner

ضرورت ڪا نہ ہوندي.
مون کي پيو سڀ ڪم سمجهائي ۽ ڄڃو جيڪ
ہنيان ڪم ڪندي رهان.
جيتري بہ محنت ڪنديس، گهٽ آهي.
ڪمار الڪا سان ڳالهائي بہ رهيو هو ؛ سوٽ ڪيس
۾ ڪپڙا بہ وجهي رهيو هو.
مان رکي ڏيانو ڪپڙا. نہ تہ سيٺي سوٽ ڪيس
۾ ڪو نہ ٿالهندا.
ٺيڪ آهي، رکي ڏي. تيستائين مان ہنهنجي پنهن
ڪٽي اچانتو، ڪالهہ پريس ڪرڻ لاءِ ڏني هئم.
توهان جا ڪجهہ ميرا ڪپڙا بہ پيا آهن . ڏئار
ڏيانو؟ ہن ڪلاڪن ۾ سڪي ہوندا.
رهڻ ڏي، مان شهر مان ئي ڏئاريندس.
ہر گاڏي تہ منجهند جو ويندي آهي نہ ؟ اڃا
گهڻوئي وقت ہيو آهي.
چڱو ڏئاري ڇڏ ... ہـــر پڌ، تون ہاڻ چو
ڏوئين؟ جاڻ هريو آيو، ان ڪان ڏئارجانءِ.
الڪا ڪو بہ جواب نہ ڏنو. ڪمار ہئنت ڪٽڻ هليو
ڏوبيءَ جو ڪم ڪندڙ هن بستيءَ ۾ ڪير بہ ڪو نہ
بيمئاف واري سڙڪ تي چانهہ جو هڪ دڪان آ
ڪمار شهر مان هڪ پريس آڻي ان کي ڏنـــي ه
هو ئي ضرورت وقت ڪمار جا ڪپڙا پريس ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ﭘﺸﻨﺖ ڪٺي ﺟﮃهن هو واﭘﺲ آﻳﻮ ﺗﮧ اﻟﮑﺎ هنجا
ميرا ڪﭙڙا ڌوئي سڪڻ لاءِ ٿهلائي ڇڏﻳﺎ هئا.
ڇو، هريو ڪو نه آﻳﻮ ڇا؟
آﻳﻮ هو، ﭘﺎڻي ﭘﺮڻ وﻳﻮ آهي.
ڪمار ڪي اڏرات جو شهر وچڻ جي جهڪا جلدي هئي
سا هاڻ صبح جو اﻳﺘﺮي ڪا نه هئي. هٿ واري ﭘﺸﻨﺖ
اﻟﮑﺎ ڪي ڏيندي هڪي ويچار آﻳﻮ ﺗﮧ اﻟﮑﺎ هنجي تياريءَ
بابت ڪو به سوال ڇو ڪمن تي ڪري! هنجي دل چاهيو
ته هوءَ ﭘﭽي، ڪجهه ﺑﮧ ﭘﭽي ﭘﺮ ﭘﭽي ضرور. ﭘﻮءِ اﻳﺸﮏ
اﻳﺘﺮو ئي چوي ﺗﮧ هنجي ﭘﻨﻴﺎن، هن ﮔﻮٺ ۾ اڪيلو
رهندي ڪيس ڊپ ٿيندو. جيتوڻيڪ هوءَ ڪمار جي
اﺳﺘﻮڊﻳﻮ ۾ ڪڏهن ﺑﮧ ڪا نه رهي آهي. اﺳﺘﻮڊﻳﻮ ڪان
اڌ ميل ﭘﺮي هڪ جڳهه مسواڙ تي وٺي اتيئي رهندي
هئي. ﭘﺮ تڏهن ﺑﮧ ڪيس ڪمار جي موجودگيءَ جو سهارو هو،
ڪمار جي دل چاهيو ته جيڪڏهن اﻟﮑﺎ اڪيلي رهڻ
جي ڳالهه ڪندي ﺗﮧ هو شهر وڃڻ ملتوي ڪري ڇڏيندو
هاڻ هنکي شهر وڃڻ لاءِ ڪا ﺑﮧ جلدي ڪا نه هئي،
ڪو ﺑﮧ امنگ ڪو نه هو. جيئن جيئن اﻟﮑﺎ هن جو
سامان ٺيڪ ڪندي رهي تيئن تيئن هو ائين سمجهندو
رهيو ﺗﮧ ڄڻ ڪيس زوريءَ شهر موڪلڻ جو سعيو ڪيو
ﭘﻴﻮ وڃي.
تون ﭘﻨﻴﺎن ڊڄندين ﺗﮧ ڪا نه؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڊچڻديس؟ ماڻ؟ مونکي ڪهڙو ڏپ آهي. الڪا
چيو ۽ سوٽ ڪيس بند ڪري چابي ڪمار کي ڏيئي
ڇڏي. چابي ڏيندي هن سئو سئو جا ٻه نوٽ ٻه ڪمار
کي ڏيئي ڇڏيا.
”هي ڇا آهي؟ ڪمار پڇيو.
ٻن مهينن جا روپيا اڳواٽ ئي ڏيئي ڇڏيانئي.
ٻاهر سان ڪٿي وڃڻو شهر ۾ ضرورت پوندو.
مونکي ڪهڙي ضرورت ٿيندي؟ ضروري خرچ لاءِ
ته مونوٽ پئسا هوندا.
سوٽ ڪيس ۾ پاس بوڪ رکندي مون ڏٺو ته
بئنڪ ۾ صرف سئو روپيا رکيل آهن.
ايترا ڪافي آهن. هتان لاءِ پاڻو ته آهيئي. واپس
ايندي اهي سئو روپيا به ڪيائي ڇڏيندس.
پر اتي ضرورت پوندو. ڏهه ڏينهن به رهيا ته
٢٠ روپيا روز جي حساب سان...
الڪا!
صبح جو سهانو سمو هو پر ڪمار جي نرڙ تي
پگهر جون بوندون ايري آيون. هنکي لڳو ڄڻ الڪا
جون خاموش ۽ وڏيون وڏيون اکيون هنجي آرپار هرچيز
ڏسڻ جي طاقت رکن ٿيون. انهن ڪمار جي ذهن ۾
ايرندڙ هر خيالات کي ڏٺو آهي؛ پڙهيو آهي. هن کي
الڪا جي انهن نظرن تي غصو آيو...
تون جيڪڏهن ائين ٿي سمجهين ته مان شهر صرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ان مقصد لاءِ ئــي وڃي رهيو آهيان تــه ٻوءِ مان لٺو وڃان ...

ڪمار ٻنهي جي دل ۾ لڪل خوف تــي قابــو پائيندي چيو: اسان انجام ڪهو هو ته ڪڏهن به هڪ ٻئي جي ذاتي مسئلي تي نه ڳالهائينداسين.

مان ٻنهي جي انجام تي قائم آهيان . ۽ هن شهر وڃڻ يا نه وڃڻ جي ڪا به ڳالهه نه ڇيڙي.

ڪمار کي ٻلڪون خاموش رهيو ۽ اها خاموشي ڳالهائڻ کــان وڌيڪ سنگين هئي. جيتوڻيڪ ڳالهائڻ سان ذاتي ڳالهه نه ڪرڻ وارو انجام قائم نٿي رهيو ۽ هنکي محسوس ٿيو ته ان خاموشيءَ کان تــه ڳالهائڻ وڌيڪ آسان ۽ بهتر آهي.

۽ ڳالهه ته تو ٻاڻ ئي شروع ڪئي هئي.

مون صرــف روبيا ڏنا هئا ، ڳالهه شــروع ڪا نه ڪئي هئم.

۽ اها ڳالهه تنهنجي دل ۾ هئي . تو اچا وساري نه آهي.

مون ڪا به ڳالهه وسارڻ جو انجام نه ڪيو هو. صرف چپ رهڻ جو واعدو ڪيو هو.

۽ اها ڳالهه ياد رکڻ جو توکي ڪو به حق نه آهي.

" هر ڪنهن کي ٻنهنجي هر يادگيريءَ جو ٻنهنجو حق رهندو آهي. "

پر الڪا ... تون آخر اهڙا ڳالهه وساري ڇو ٿي
ڇڏين؟

ان 'ڇو' جي چڪر ۾ نه پئو. ان جو ڪٿي به خاتمو نه آهي. بهتر ته ائين آهي ته اسين پنهنجي انجام تي قائم رهون؛ ڪڏهن به ذاتي ڳالهه ٻولهه نه ڪريون.
ڪمار اهو خاموش رهڻ جو انجام جيڪو الڪا کان ورتو هو. سو ساڻ ڪمس لڳو ته هڪ اونده هئي جنهن ۾ هر ڪا چيز پراڻتي پئي نظر آئي. ڪمار ڪنهن به ڳالهه کان ڊڄڻ نٿي چاهيو الڪري ڪمس لڳو ته ان انجام خواه مخواه واري اونده برپا ڪري معصوم ڳالهين کي به پنهنجي بڻائي ڇڏيو آهي. ڳالهين ڪــي قدرتي شڪل ۾ ڏسڻ لاءِ ڪمار سوچيو تــه هو الڪا جــي سامهون خاموش رهڻ بجاءِ هن سان ڳالهيون ڪندو آخر الڪا هڪ سلجهيل ڇوڪري ئي ته آهي.

هتي ... مونوت اچي ويهه الڪا
"جي."

سچ پچ پڇاءِ؛ توکي مون مان ڪو به ڊپ ٿيندو آهي ڇا؟

ڳالهه کي الٽو ڪري نه پڇو.

الٽو ڪري؟

توهان کي بخوبي ڄاڻ آهي ته مونکي توهان مان ڪو به ڊپ نه آهي. اصل ۾ ڊپ ڪنهنکي به ڪنهن

ڪان نه ٿيندو آهي. ٻيو ٿيندو آهي پنهنجو پاڻ کان.

تنهنجو مطلب آهي ته مان پنهنجو پاڻ کان ڀڄانٿو.

ها.

الڪا؟

ڇٿو.

تون مون تي اهو الزام ڪهڙي آڌار تي لڳائي رهي آهين؟

مون الزام ڪو نه لڳايو آهي. صرف ڪا ڳالهه ڇٽي آهي.

پر اها غلط آهي.

جيڪڏهن غلط آهي ته ٻوءِ شهر ڇو وڃي رهيا آهيو؟

شهر وڃڻ لاءِ گهڻائي ڪم ٿي سگهن ٿا.

مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته توهان کي ڪو به ڪم نه آهي.

" چڱو مڃيم ته ڪو به ڪم نه آهي...شايد اهوئي ڪم آهي ته مان پنهنجي جسماني بک مٽائڻ لاءِ ٿي شهر وڃي رهيو آهيان ... پر اهو به ته ڪم آهي."

ان ڪم لاءِ شهر وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

"پر هتي ..." ڪمار جي ڳلي ۾ هنجو ساهه اٽڪي پيو. پنهنجي اٽڪيل ساهه کي پنهنجي سموريءَ طاقت سان ڇڪيندي چيو: "هتي شهر جهڙو انتظام نه آهي."

" مان هر لحاظ ۾ ان ڇوڪريءَ کان بهتر آهيان جيڪا ٢٠ روپيه وٺي ... "

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

الڪا.

جي.

الڪا توکي ڇا ٿي ويو آهي. تون هڪ شريف ڇوڪري آهين ... شريف خاندان مان؛ شريف پيءُ جي ڌيءُ.

ان ۾ شرافت جو سوال ڪٿان اچي ويو؟

روپيه، وٺي جسم ڏيڻ شرافت نه آهي.

ڇو؟

ڇو ته اها شرافت نه آهي.

ته پوءِ ان خيال کان روپيه ڏيئي جسم وٺڻ به شرافت نه آهي.

ڪمار چپ ٿي ويو. الڪا وري چيو؛ "جڏهن توهين پنهنجي لاءِ شرافت کي ضروري چيز نٿا سمجهو ته پوءِ منهنجي لاءِ ڇو ٿا سمجهو؟"

منهنجي ڳالهه جدا آهي الڪا.

"صرف انڪري نه ته مردن لاءِ هڪ اهاچيز به شرافت ٿيندي آهي جيڪا عورت لاءِ نه ٿيندي آهي.

اها ڳالهه نه آهي؛ الڪا.

تڏهن؟

مون ڪڏهن به پاڻکي ڪڏهن هڪ شيءِ سان بتل نه رکيو آهي ان ڪري منهنجن قدرن جو اثر صرف مون تي ئي پوندو. پر سپاهي توکي ته شادي به ڪرڻي

آهي. تنهنجو واسطو صرف توسان نه آهي؛ ڪنهن ٻئي سان به هوندو . انجا قدر اهي نه هوندا جيڪي تنهنجا ۽ منهنجا تي سگهن ٿا.

انجو جواب مان صرف اهوئي ڏيندیس ته مون جهڙي ڇوڪري صرف پنهنجن قدرن ڪــي ئي قبول ڪري سگهندي آهي. ڪنهن ٻئي جي قيمت ڪي نه.

خير، مان اهو به مڃان ٿو. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿو ته اها ڳالهه تنهنجي وس جي نه آهي ... هـر منهنجي مشڪل ڪا ٻي آهي.

مان توهانجي ۽ مشڪل ڪي ڄاڻانٿي.

نه، تون نٿي ڄاڻين.

”ڄاڻانٿي. توهان صرف ان عورت وٽ ئي وڃڻ چاهيو ٿا جنهن جو ڪو به ڇهرو نه هجي، جنهن جو ڪو به نالو نه هجي. ڇاڪاڻ تــه ڇهري ۽ نالي جو سنبنڌ سڃاڻپ سان آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهـا سڃاڻپ دل ۾ ڇڪهه پيدا ڪري ڇڏيندي آهي.“

ها الڪا .

” افيس ليس وومن، انيم ليس وومن.“ (بنا ڇهري ۽ بنا نالي واري عورت)،

ها، الڪا .

” مان پنهنجو پاڻ کي فيس ليس به بڻائي سگهنديس ته ذيم ليس به.“

پر الڪا ... ڇو ... ڇو ؟
ان ڇو جو جواب مان ڪا نه ڏيندي‌س.
ڇاڪاڻ ته انجو ڪو به جواب نه آهي، ائين نه ؟
نه ، انجا گهڻائي جواب آهن.
مثلا ؟
مثلا اهو ته شايد مونکي روپين جي ضرورت هجي.
اهو ڪوڙ آهي. تون هڪ امير پيءُ جي ڌيءُ آهين.
هر مهيني مونکي ١٠٠ روپيه سيڪارڻ جا ڏيندي آهين
تنهنڪانسواءِ پنهنجو خرچ به ڪلي همت ڪندي آهين...
پوءِ تي سگهيتو ته اها منهنجي جسماني ضرورت هجي.
اهو جواب غلط آهي.
ڇو؟
مونوت انجو ڪو به جواب نه آهي. پر منهنجي دل
چويٿي ته اهو غلط آهي، ڪوڙ آهي. تون ئي پڌاءِ اهو
ڪوڙ آهي يا نه؟ ،
ها، ڪوڙ آهي،
پوءِ ؟
مون چيو هو نه ته مان انجو جواب ڪا نه ڏيندي‌س ...
ان ڪريئي چپ آهيان.
پر مان انجو جواب ڄاڻڻ چاهيان ٿو.
توهان سمجهي ئي ڪو نه سگهندا ، مان پڌايان به
تڏهن به ڪو نه سمجهي سگهندا .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ڇو؟“

”ڇاڪاڻ ته گهڻين ئي ڳالهين ۾ اسانجي نقط نظر مختلف آهي. توهان ڀاڻ ئي چيو هو ته اسانجي نقط نظر ڪڏهن به ميل نه ڪائي سگهندي.“

ها مون چيو هو... ۽ مان ڪوشش ڪندس ته تنهنجي نقط نظر سمجهي سگهان... تـي سگهنتو سمجهڻ ڪانپوءِ انکي نـه مڃان. مـر سمجهڻ جي ڪوشش ضرور ڪندس.

مان سمجهڻ ۽ مڃڻ ۾ وشواس ڪا نه رکندي آهيان. ڀوءِ ؟

وقت خود سمجهائيندو... خود مڃائيندو.

ڪنهنکي؟ مونکي يا توکي؟

انکي به وقت جي فيصلي تي رهڻ ڏيو.

الڪا جي چوڻ تي جڏهن ڪمار سڀ ڪجهه وقت جي فيصلي تي ڇڏي ڏنو تڏهن الڪا کي به سئو روپيه ڀرتائيندي چيائين: ”هي روپيه وٺ. مونکي ضرورت نه آهي.“

۽ چابي ؟

ڪمار کلي ڏينو، ”چابي بـه وٺ. سوٽ ڪيس کولي ڇڏ. مان شهر نٿو وڃان.“

۽ شهر وڃي جيڪو ڪم ڪرڻو هوو ؟

مون کي ڪو به ڪم نه آهي.

اهو ويهن روپين روز وارو ڪم؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انجي به ڪا ضرورت نه آهي.

ٻپ واري ڳالهه کي وڏي واڪي چئي ٿي ٻڌو ٻڌڻ وارو جيڪو تجربو ڪمار ڪيو هو ان تجربي کي آزمائڻ لاءِ ڪجهه دير ڪالهوءِ هن الڪا کي چيو ؛ اگر مونکي ڪا ضرورت پئي ته توکي ئي چوندس.

نيڪ آهي.

تون منهنجي لاءِ ان عورت وانگر هوندين ۽ جنهن جو ڪو به نالو نه هوندو يا ڪو به نالو ٿي سگهي ٿو.

هي ته نهايت ئي وڏو درجو آهي.

يعني ؟

ڀڳوان جو به ڪو نالو نه ٿيندو آهي ۽ ڪو به نالو ٿي سگهندو آهي.

اسين جيڪڏهن ننڍين ڳالهين کي پرماتما جي ڳالهين سان ڳنڍڻ شروع ڪنداسين ته اهي ڪو وڏيون ڪا نه ٿي وينديون.

ڪي اهڙيون به ڳالهيون ٿينديون آهن جيڪي ننڍي يا وڏي ٿيڻ کان بي نياز هونديون آهن.

جنهن شيءِ جي قيمت ويهه روپين جي اگهه سان چڪائي ويندي هجي اها هميشه ننڍي ئي رهندي. وڏي ٿي ئي ڪا نه سگهندي.

ڪمار جي نس نس ۾ باهه ٻرڪو ڪائي اٿي. هنجو سڄو بدن گرم ٿي ويو. هن جهٽڪو ڏيئي الڪا کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻ طرف ڇڪيو ۽ اکين پنهنجي پالهن ۾ قابو ڪندي هنجي ڇپن جو ڀرپور ڏيک پريو، جڏهن هن جي سموري خوبصورتيءَ وارو رس لسي وڃڻ پٺي چاهيائين. باهه جي جڙ وانگر ڪا چيز ڪمار جي بدن ۾ ڦهلجي ويئي. ۽ ڪمار جڏهن پنهنجو سمورو جسم الڪا جي جسم سان چنبڙائي ڇڏيو تہ هنکي محسوس ٿيو جڻ هن پنهنجو جسم الڪا جي جسم سان نہ پر ڪنهن باهه ۾ وجهي ڇڏيو هجي ... هيءَ ڪوشش الڪا کي ٽوڙڻ واري ڪوشش هئي.

ڪمار جڏهن الڪا وٽان اٿي ٻرپرو وجي پهتو تہ الڪا پنهنجي جسم تان لٿل ڪپڙا ڪٺي هڪ ويڙهيل سيڙهيل چادر وانگر پنهنجي مٿان وڌا ۽ چيو: منهنجا روپيہ؟

ڪمار پتلون جي کيسي مان ويهه روپيہ ڪڍي ۽ الڪا طرف وڌايا.

صرف ويهه روپيہ؟

ڪمار ڪلي وينو. پر هنجي اها ڪل نہ چاڻ ڪهڙي هئي جو خود ئي خوفزده ٿيڻجي ديوار طرف نهارڻ لڳو ... "سون جو ڪلش چاڙهي ڪير بہ ڀڳوان کي خريد ڪونہ ڪري سگهندو. پر ڪوئي پوڄا جي هڪ ڪل سان بہ ڀڳوان کي اپنائي ڇڏيندو آهي." الڪا چيو ۽ هڪ هڪ ڪري سڀ ڪپڙا پائڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چا مطلب؟

ڪجهه به نه!

هئن: هن طرح روپيه ڪمائڻ واري عورت کي چــا چئي سگهجي ٿو؟

عورت.

الڪا!

”مان هڪ وڏيما پڇڻ جي دعويٰ نه ايتري آسانيءَ سان ڪري سگهان ٿي جهڙيءَ آسانيءَ سان هڪ پتني پڇڻ جي.“

الڪا، مان توکي بلڪل سمجهي نٿو سگهان.

پر مان توهانکي سمجهي سگهانٿي.

ڪمري جون پئي ڀتيون وساميل هيون. درين تي هلڪي ۽ ميرانجهڙي رنگ جا چاڙيدار پردا چڙهيل هئا. پر ٻاهران سج جي روشني پردن مان ٻار ٿي اندر ڪمري ۾ داخل ٿي آئي هئي ۽ ڪمري ۾ پتين ۽ فرش تي چڻ روشنيءَ جو وسڪارو ٿيل هو. روشنيءَ سان پڌل فرش تي جڏهن ڪمار پير رکيو تڏهن ڪيس ائين محسوس ٿيو ته پير رکنديئي هو ٿڙڪي ڪري نه پوي.

(٣)

پنج ڏينهن گذري ويا ... الڪا روز هميشه وانگر ايندي هئي ۽ پنهنجو ڪم ڪري هلي ويندي هئي. گذريل واقعي جو ٻاڇو به هن سان گڏ ڪا نه ايندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهين ڏينهن صبح جو سويل جيئن الڪا ڪمري ۾ داخل ٿي تہ ان وقت ڪمار پنهنجو ٽوال ويڙهي چمڙي واريءَ بئگ ۾ رکي رهيو هو.

اڄ شايد وري وڃڻ جي تياري آهي.

اڳين تياري ننڍڙي هئي پر هيءَ تياري وڏي آهي.

اڄ تون بہ مونسان گڏ هلنديءَ. هريو ناشتو تيار ڪري رهيو آهي، ڪيس چئو تہ ڪجهہ وڌيڪ ٺاهي وٺي.

ڪيترن ڏينهن لاءِ هلندا؟

صرف هڪ ڏينهن لاءِ.

ڪمار ۽ الڪا جڏهن رستي تان هلندا سامهون هڪ پهاڙ واري حصي وٽ پهتا تہ ات هڪ پهاڙي نديءَ جي ڪناري وٽ بيهندي ڪمار پنهنجي هٿ واري بئگ، هڪ پٿر تي رکي ڇڏي.

سنان ڪنديءَ؟

مون پاڻ سان گڏ ڪو بہ ڪپڙو ڪو نہ آندو آهي.

هن بئگ ۾ هڪ نيري چادر اٿمئي.

نديءَ جو پاڻي جيڪو سڄي رات سرد پٿرن سان ڳالهيون ڪندو رهيو هو سو هاڻ سورج جي ڪرڻن سان راند ڪري رهيو هو. الڪا بئگ مان چادر ڪڍي هڪ پٿر جي اوٽ ۾ وڃي ڪپڙا بدلائڻ لڳي. نيريءَ چادر کي بدن تي ويڙهي جڏهن هن پاڻيءَ ۾ پير رکيو تہ جهنگلي گلن جي هڪ ٽاري پاڻيءَ ۾ ترندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڙندي هن وٽ هلي آئي. هن ناريءَ جـــي مهڙ وارو حصو توري پنهنجي وارن ۾ اٽڪائي ڇڏيو.

ڪمار الڪا جي ڏائي طرف پاڻيءَ ۾ سنان ڪري رهيو هو. الڪا هڪ نظر سان ڪمار طرف ڏٺو ۽ پوءِ پاڻيءَ ۾ آهستي آهستي هلندي ڪمار جي ڀـــر مان لنگهندي ٿورو دور وڃي ڪمار جي سامهون ٿي بيهي رهي پاڻي صرف گوڏن تائين هو انڪري الڪا گوڏن ڀر پاڻيءَ ۾ ويهي رهي.

الڪا جي ڪراين ۾ ڪانچ جون سبز رنگ جون پنج پنج چوڙيون پيئون هيون. هن وقت پاڻيءَ اندر اهي ڪرايون ائين لڳي رهيون هيون. جڻ انهن تي ڪي سبز پتا ويڙهيل هئا.

الڪا پاڻيءَ جـــي وهڪري طرف هٽي ۽ جيڪو پاڻي ڪمار جي بدن کي ڇهندي اچي رهيو هـو سو ساڳيو پاڻي الڪا جي بدن کي به ڇهندي وڃي رهيو هو. الڪا جون اکيون ۽ جسم بيحد ادب سان ان پاڻيءَ جي ڇهاءَ جو آنند وٺي رهيا هئا.

الڪا جي چوڙين جو آواز جيتوڻيڪ ايترو/اونچو نه هو پر ايترو ضرور هو جو ڪمار جي ڪنن تائين پهچي سگهيو ٿي. ڪمار ان آواز کـان بچڻ لاءِ الڪا جـي سامهون هٽي پٺي طرف وڃي بيٺو پر الڪا يڪدم ان طرف وڃي ڪمار جي سامهون ٿي بيٺي. الڪا، ڪمار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي بدن کي ڇهيل پاڻي ، ٻنهنجي انگ انگ ۾ سمائڻ
ٿي چاهيو.

ڪمار شايد الڪا جو اهو کيل سمجهي ورتو ۽ ان
کيل کي ختم ڪرڻ لاءِ هو پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري آيو
۽ جڏهن هوءَ به پاڻيءَ کان ٻـاهر اچڻ لڳي ته ڪمار
وري تيزيءَ سان پاڻيءَ اندر وڃي الڪا وٽ اچي پهتو
۽ هڪ ئي جهٽڪي سان ڀرين الڪا جي ٻانهن پڪڙي
۽ پوءِ هن جي جسم تـي ويڙهيل نيري چادر ڇڪي
ورتي پوءِ چادر وانگر ئـي هن الڪا کي بـه ٻنهنجين
ٻانهن ۾ ويڙهي ڇڏيو ۽ يڪدم ئي ٻنهنجن ڪليل چپن
سان الڪا جي چپن کي ائين پيئڻ لڳو ڄڻ هن الڪا
جي سڄيءَ جان سان گڏ هـن نديءَ جو پاڻي به پي
وڃڻ ٿي چاهيو.

ڪمار ڪچيل ساهن سان گڏ جڏهن هنکي ڇڏيو ته
الڪا جا چپ ساڳيءَ طرح ثابت جـا ثابت هئا. الڪا
جون ڇاتيون به ساڳيءَ طرح ساه کڻي رهيون هيون ۽
نديءَ جو پاڻي بـه ساڳيءَ طرح ئي وهي رهيو هو.
ڪمار کي ائين لڳو ته نه ئي هو الڪا جي ساهن کي
پي سگهندو ۽ نه ئي نديءَ جو پاڻي. هو ڪناري تي
پٿرن وٽ ائين وڃي ويٺو ڄڻ هو انهن پٿرن سان گـڏ
پٿر بڻجي ويو هو.

الڪا ٻاهر اچي ڪپڙا پاتا ۽ نيري چادر نپوڙي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ ٽي سڪڻ وجهي ڇڏي،
ناشتو ڪيان؟ الڪا ڪمار جي ڀر ۾ اچي بيٺي ۽
ناشتي جو ٽفن کولي پليٽ ۾ پائڻ لڳي،
ڪمار ڪيتريءَ دير تائين الڪا جي پيرن طرف ڏسندو
رهيو ۽ پوءِ اچانڪ اٿي هنجي پيرن کي مروڙڻ لڳو، ...
"هي پير هئن نه هيئن ٽيڙ ڳڀرجن،"
ڪيئن؟
ڪڙي اڳيان ٽيڙ ڳڀرجي ۽ آڱريون پٺيان،
ڇو؟
ڇا ڪاڻ ته جنڙيءَ جا پير الٽا ٽپندا آهن،
جنڙي ڇا ٽپندي آهي؟
ڀوت پريتن جي نسل جي جنڙي.
ته ڇا هر جنڙيءَ جا پير الٽا ٽيندا آهن؟
"مان جڏهن ننڍڙو هوس تڏهن اسانجي پرسان هڪ
پيو رهندو هو. هو مونکي جنن ڀوتن جون ڪهاڻيون
ٻڌائيندو هو ..."
هن جنڙي ڏٺي هئي؟
"ها، هو چوندو هو ته هن پنهنجي جوانيءَ وارن
ڏينهن ۾ هڪ جنڙي پڪڙي به هئي ..."
پوءِ؟
"هو ٻڌائيندو هو ته جنڙي پڪڙڻ بيحد مشڪل
ڪم آهي. ڪيتريون ڪيتريون راتيون شمشان ڀوميءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ وڃي گذاريون پونديون آهن ... پهرين تہ هوءَ بيحد ٻيچارڻيندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو ماڻهو ٻچي وڃي تہ خود پڪڙجڻ جي بدران هوءَ ان ماڻهوءَ کي پاڻ پڪڙيندي آهي. "

پوءِ هن ڪيس ڪيئن پڪڙيو؟

هن ڪيس پيرن مان ئي سڃاتو هو. هو چوندو هو تہ هر جنڙيءَ جو منهن مٿو بلڪل اهڙو هوندو آهي جهڙو ڪنهن عام عورت جو! جنڙيءَ جي چهري طرف ڪڏهن بہ نہ ڏسڻ گهرجي، هميشه هنجي پيرن طرف ئي نهارجي. ڇا ڪاڻ تہ هنجا پير الٽا ٿيندا آهن ۽ هنکي پيرن مان سڃاڻي ئي پڪڙي سگهبو آهي.

پر پڪڙڻ مان فائدو؟

" هو پيو چوندو هو تہ جيڪڏهن هڪ دفعو بہ جنڙي هٿ ۾ اچي وڃي تہ سموري زندگي ڪو بہ فڪر نہ رهندو آهي. جنهن وقت بہ حلوو کائڻ تي دل هجي تہ يڪدم حلوو حاضر ڪندي آهي . ۽ جنهن وقت بہ توهانجو من نون ڪپڙن پائڻ لاءِ ٿئي تہ هوءَ يڪدم نوان ڪپڙا آڻي حاضر ڪندي آهي. هوءَ ڪنهن وقت بہ هر قسم جا طعام ۽ بهترين ۾ بهترين سوغاتون آڻي سگهندي آهي.

پوءِ هن پيدي جنڙي کي ڇڏي ڇو ڏنو؟

هو چوندو هو تہ ڪهس روز رات جو جنڙيءَ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميڊڪا جو ناچ ڏسڻ جي عادت پئجي ويئي. هر رات جنڙي ميڊڪا جا ڪپڙا ۽ پيرن ۾ گهنگهرو پڌي ميڊڪا جو اهو ناچ ڪندي هئي جيڪو صرف اندر جي دربار ۾ ٿيندو آهي.

پوءِ؟

پوءِ آس پاس ۾ ڦهلجي ويو ته هتي روز رات جو گهنگهرن جو آواز ٿيندو آهي. پيءُ ماڻهن ڪان پريشان ٿي آخر ۾ جنڙيءَ کي چڏي ڏنو.

؛توهان ان پيءُ کان جنڙيءَ کي پڪڙڻ جو طريقو پڇيو هو؟

ها انوقت ان عمر ۾ هن کان طريقو پڇي مان جنڙي پڪڙڻ نه ويو هوس.

پوءِ ؟

اماس جي ڪاري رات هئي. ان پيءُ پڌايو هو ته جنڙيءَ کي صرف اماس جي ڪاري رات ۾ ئي پڪڙي سگهجي ٿو.

”پوءِ ؟“ مان بيحد بهادر ڇوڪرو سمجهيو ويندو هئس ڪجهه پنهنجيءَ دليريءَ ۽ ڪجهه ان دليريءَ جي شهرت کان متاثر ٿي اڄ رات جو نڪري پيس. اڇا مڪل سان شمشان جي ڀاڪران پهتو هوس ته اتان جي وڻن جي آواز کان دپ ٿيڻ لڳو ۽ پوءِ هڪ گهاٽي ۽ پيانڪ وڻ مان ڪنهن جانور جو عجيب آواز آيو ۽ مان

يڪدم پوين ٻڌڻ سان واپس پهچي آيس ...
شايد ان وڻ تي اها جنڙي ئي چڙهيل هجي ...
ان پڇي -مونکي پڌايو هو ته سڀ کان پهرين جنڙيءَ جي ٻڌڻ ۾ پيل گهنگهرن جـو آواز ئي پڌڻ ۾ ايندو آهي.
انجو مطلب اهو ٿيو ته هر جنڙيءَ کي ناچ جي فن جي ڄاڻ آهي.
شايد.
پر مونکي ته اهو فن ڪو نه ايندو آهي.
سو تو مڃي ورتو تون به هڪ جنڙي آهين!
ها، پر سڌن ٻڌن ۽ سڌي رستي تي هلڻ واري.
هي ڇا سڌو رستو آهي؟
توهين ان کي اهتو به ڇٺي سگهو ٿا. ڇاڪاڻ ته تصوير جي اهتي طرف ٻيهي ڏسبو ته اها اهتي ئـي نظر ايندس.
سو مان اهتي طرف بيٺو آهيان.
اسان اهو فيصلو ڪيو آهي ته اسان ڪنهن به ڳالهه جو فيصلو پاڻ ڪو نه ڪنداسين. اسانجي هر ڳالهه جو فيصلو وقت ڪندو.
ان ڏينهن وانگر اڄ به هن الڪا جي ڳالهه مڃي ورتي ۽ سڀ ڪجهه وقـت جـي فيصلي تي ڇڏي ڏنو۔
چپ چاپ الڪا جي هٿ ۾ ن پلمت وٺي هڪ نمڪين

ڀرانئي جو ٽڪرو ماکيءَ ۾ ٻوڙي منهنجي ڳوائي ڀيرڻ سان زمين کوٽڻ لڳو ...

الڪا ٽرماس جي ڪافي پيالي ۾ وڌي ۽ پيالو ڪپڙ طرف وڌايو.

مان سوچي رهيو هوس، جيڪڏهن چانهه يا ڪافي ۾ ڪٽي اچون ها ... ان پڇڻ تي هڪ ڳالهه بلڪل ٺيڪ چئي هئي.

ڪهڙي ڳالهه ؟

ته جنڙي هرقسم جا طعام حاضر ڪري سگهندي آهي، پر توهان ان پڇي ڪان هڪ ڳالهه پڇڻ ڀلجي ويا.

ڪهڙي ؟

توهان هنڪان جنڙيءَ کي پڪڙڻ جو طريقو ته پڇيو پر هنڪان پيچو ڇڏائڻ جو طريقو نه پڇيو؟

اهو رستو مان ڳولي رهيو آهيان ... ڳولي ڪيئندس.

اڄ هن ڪڏهن تي اهوئي رستو ڳولڻ آيا آهيو ؟

ها، اهو سچ آهي ... ڪالهه رات ...

ڪالهه رات ؟

ڪالهه رات مون سپني ۾ هيءَ نديءَ ڏٺي هئي.

اتي مان به هئس يا نه ؟

ها، اڄ وانگر ئي هڙي نيري چادر ڀائي تون سنان ڪري رهي هئينءَ.

؟ منهنجي وارن ۾ هي گل به هئا؟

ها، مون هيءَ ڳلن جي ٽاري ڀاڱيءَ ۾ ائين ئي ڪونه ڦٽي ڪئي هئي. تون وارن ۾ لڳائين اڪري ئي نه تنهنجي سامهون ڀاڱيءَ ۾ ڦٽي ڪئي هئم.

پوءِ ؟

” سپنا جيستائين ساڀيا نه ٿيندا آهن تيستائين انسان جي ڀنڀان اڇي ٿيندا آهن.“

: هــوءِ ٻيچو ڇڏائڻ لاءِ توهان سپني کــي سچ ڪري ڏٺو؟

ها.

”مونکي هڪ رات جو هڪ سپنو آيو هو.“

هن ندي‌ءَ جو ؟

نه.

تڏهن ؟

مون ڏٺو ته مان توهانجي ڪم ڪرڻ واريءَ ميز تي هڪ ڪاغذ رکي ان تي انڱن جــا نشان لڳائي رهــي آهيان.

پوءِ ؟

نشان لڳائيندي لڳائيندي مان ٿڪجي پيس ... ؟

اهو ڪاغذ جادوءَ جي زور تي وڌندو ويو ...

” اڇا ... ؟“

” مون ڪاغذ کان پڇيو ته هو مون سان ائين ڇو ڪري رهيو آهي؟“

ٿيو ؟

" بلڪل عجيب ڳالهه هئي. ڪاغذ به مون سان ڳالهائڻ لڳو."

" پوءِ ..."

ان ڪاغذ مونکي ٻڌايو ته هو منهنجي سپنن جو ڪاغذ آهي ؛ مان جيڪڏهن سڄي عمر به نشان لڳائيندي رهنديس، تڏهن به هو ختم نه ٿيندو.

" پو ڊيول ..."

جنڙي عرف ڊيول.

چڱو هل ته نيرن ڪائي واپس هلون. صبوح ڪان وٺي ڪو ڪم به ڪو نه ڪيو آهي.

ها، هلو ته ڪجهه ڪلاڪ ٿي ڪم ڪريون. شايد سڀاڻي به اڄ جيڏو ٿئي.

هتي، ڇو؟

" هتي نه، پر هن پهاڙ جي چوٽيءَ تي. ڇاڪاڻ ته سپنا هميشه وڏندا ٿي رهندا آهن، اسانجي خيالن جا پير اينا ڇو ڪيئن هجن پر سپنن جا پير سيتا ٿي ٿيندا آهن. اڄ هن نديءَ تائين آيا آهن، سڀاڻي هن پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهندا ..."

ڪمار گهيرائجي الڪا جي چهري طرف نهارڻ لڳو ... ڪيس ائين محسوس ٿيو، هو آزاديءَ جي جنهن بلنديءَ تي ڪڙو بيٺو آهي، اتان هڪ ڏينهن الڪا ڪيس

ائين ڇڪيندي جو هو محبت جـو اولهي ڪاهيءَ ۾
اڇي ڪرندو ...

( ٤ )

” خيالن جا پير اهڙا ڇو ڪمن هجن ۽ سپنن جا پير
سدا تيندا آهن. “ الڪا جو اهو جملو ڪيترن ڏينهن
تائين ڪمار جي ڪنن ۾ وڄندو ئي رهيو ... “
هڪ رات ڪمار کي سپنو آيو ...

هو هڪ جهنگل ۾ بڪرار جـي ويس ۾ ٻڪريون
چاري رهيو آهي. اوچتو ئي کيس ٻڪ لڳي آهي. آسپاس
چشمي جي پاڻيءَ کان سواءِ پيو ڪجهه به نه آهي. ان
چشمي مان هو پاڻيءَ جا ٻه ٽي ڍڪ مس پريا ته کيس
ائين لڳو ڄڻ هنجي خالي پيٽ اندر ڪجهه چڀي رهيو
آهي. ان چڀڻ جـي درد وچان هن اکيون بند ڪري
ڇڏيون ۽ پوءِ جڏهن اکيون کوليون ته هن ڏٺو؛ سامهون
آسمان مان هڪ پري هيٺ لهندي پيئي اچي • کيس
چمڙي جي تلهي چپل پاتل هئي • جهنجهڪري ٻنا آواز
اچي ۽ هلي رهي هئي. مٿي تي سرخ رنگ جو پٽڪو
ٻڌل هوس ۽ سرخ رنگ جي ڪرتي تي ڪاري ڏور
ٻڌل هئس پٺي ٻانهون مٿي ڪري؛ مٿي تـي رکيل
هڪ ديگڙي سنڀالي رکي هئائين • ان ڪري هن جي
ڇهري جو ڪافي حصو هنجي ٻانهن جي پٺيان لڪي
ٿي ويو. ڪمار هڪ ڪنڊ ۾ لڪي ويو • اهو سوچي

11-8-93

۽ جيئن ٿي هوءَ هن جي پر مان گذرندي ته هو هنجو
پورو چهرو ڏسي وٺندو.

اها پري جڏهن ڪمار جي ويجهو آئي ته هن مٿي تان
اها ديگڙي لاهي وڻ وٽ هيٺ رکي ڇڏي ۽ مٿي وارو
سرخ ڪپڙو لاهــي هيٺ وڇائي ڇڏيو. ديگڙي مـان
پڪوانن ۽ طعامن جي سگنڌ آئي. ڪمار اتاولو ٿيڻ جهڙو
ويو ۽ يڪدم ڪنڌ مان ٻاهر اچي ديگڙيءَ جي پرسان
اچي بيٺو. انوقت هن کي ايتري ته بک ستائي رهي هئي
جو اها ديگڙي جيڪڏهن پريءَ جي مٿي تي به رکيل
هجي ها ته به اها ڪانئس ڪسڻ کان نه رهي ها.

”او ... او ... او ...“ پريءَ ڪمار کي چيو ۽
ڪيس هٿ کان وٺي هيٺ وڇايل سرخ ڪپڙي تي وهاري
ڇڏيو. ديگڙيءَ جو ڍڪ به پريءَ پنهنجي هٿن سان ئي
هيٺ لاٿو ۽ اها ڪمار جي سامهون رکي ڇڏيائين.

ڪمار پنهنجيءَ بک تي شرمائجي ويو. ڪيس اڪ ڪٺي
پريءَ کي ڏسڻ جي جرئت به نه ٿي. پر هو پنهي هٿن
سان ديگڙيءَ ۾ رکيل پڪوان ڪيڏي ڪائڻ کي لڳي ويو
۽ آخر جڏهن پيٽ پرجي ويس تڏهن لچارين اکين سان
پريءَ طرف ڏنائين. وري ڏنائين ... ۽ ڏسندو ئي رهجي
ويو ... هنجي سامهون الڪا بيٺي هئي!

ڪمار جڏهن سمهي اٿيو تڏهن هن هٿ سان پنهنجي
جسم کي ڇهي ڏٺو. هن ڏٺو، هنجي بدن تي پڪرار

جو ڪو به وبس نه آهي پر هن ائين محسوس ڪيو ته الڪا سچيءَ جي سچي اهو ويس پاڻ ويٺي هئي؛ اهو ويس سچي رات هن جي بدن سان چهٽيل هو.

اڄ ڪمار سوچيو ... نديءَ وارو سپنو هن ساپيا ڪري ڏنو هو. پر سپنا اجها تائين هنجي بنيان پوندا رهن ٿا .. صبح جو جڏهن الڪا آئي ته، ڪمار پنهنجو ڪم ڪري رهيو هو ...

"الڪا، مونکي ڪافيءَ جو هڪ پيالو ٺاهي ڏي. ڏس، پاهر جيڪڏهن هيو هجي ته پوءِ هنڪي ئي چئو" الڪا ڪافي ٺاهي کڻي آئي. ڪمار ان پيالي کي سنگهي ڏٺو. پيالي مان ڪافيءَ جي سگند اچڻي هئي سا ته آئي پر پوءِ ڪمار هڪ اونهو ساه کڻي الڪا جي هٿن ۽ پانهن کي به سنگهڻ لڳو ... هن جي هٿن ۽ پانهن مان بلڪل اهائي اچي رهي هئي جيڪا ڪالهه ديگڙيءَ مان سگند آئي هئي. ڪمار کي ڇپ ٿيو؛ جهڙيءَ طرح بي صبرو بڻجي. ديگڙيءَ جا ڍڪڻ ڪاڏا هٽائين تيئن ئي بي صبريءَ وچان الڪا جي جسم کي به نه ڪائڻ لڳي ويو ...

"الڪا؛ رات مون وري هڪ سپنو ڏٺو ..."

"... ."

"تو چيو هو ته سپنن جا پير سبتا ٿيندا آهن ؛ خيالن جا ابتا. ته اڄ مان توسان شرط لڳائڻ لاءِ تيار آهيان

ته ھمالن جا ھر سدا ۽ سيڪن جا ھير ابتا تيندا آھن.“
لڳائي ڏسو. ھر مولڪي ڏپ آھي ته اھو ابتو ۽ سدو
ڏسڻ ۾ ئي ته سچي عمر ختم ٿي وڃي!
مولوت ايترو ڏالئو وقت به نه آھي. مان ته ڪم گھڻو
ڪم ڪرڻ ٿو چاھيان ۽ جيڪي ھٿ جسم سان کيلڻ
۾ مصروف ٿي ويندا آھن اھي ڪم ڪري نه سگھندا
آھن. مان ان کان دور ٿيڻ چاھيان ٿو. جسم جي
اونداھين ۾ ڀاڻڪي وڃائڻ نٿو چاھيان.
”جنھن جسم جي دل روشن ھجي ان جسم ۾
اونداھي ڪٿان آئي؟“
الڪا جي ڳالھ وزندار ھئي. ان ڪري ئي ڪمار
جھنجھلائي اٿيو. ھن ڀنھنجي اھا ڳالھ الڪا کي انڪري
ڪا نه ٻڌائي ھئي ته ڀنھنجي فقط نظر الڪا کي سمجھائي
سگھي. ھر ڳالھ ڀنھنجو ڀاڻ ان موڙ تي اچي ڪڙي تي
بيٺي ھئي. ھن پريشان ٿيڻ جيو ’جسم ۾ اونداھي
ھجي يا روشني ھر تون اج ويھ روپيه ڪو نه ڪمائي
سگھندين.“

نه سھين.

ھان ھي وت: ان ڏينھن ندئي وارا ويھ روپيا.
چڱو.
ھاڻ شايد-وري ڪو نه ڪمائي سگھندين.
نه سھين.


Scanned with CamScanner

پوءِ ڇا ڪنديون؟

بيروزگار ماڻهو ڇا ڪندا آهن؟ ڪجهه به نه!

ڪمار کي ائين لڳو ... هن الڪا جي دل کي چوٽ پهچائڻ واري ڳالهه ڇيڙي آهي ۽ هوءَ ضرور روئي پوندي. جيڪڏهن هنجي اکين ۾ آنسو نه به ايندا ته هنجي زبان ۾ ضرور اچي ويندا. پر ڪمار ڏٺو هوءَ بيحد اطمينان سان ڏانهنس نهاري رهي هئي.

ڪمار کي پنهنجيءَ چيل ڳالهه جو ايمان ٿيندو محسوس ٿيو. ۽ اهو گهٽائڻ لاءِ هن الڪا کي چيو،

"هيڏانهن ڏس روشنيءَ طرف."

ڇو؟

تنهنجي اکين ۾ آنسو آهن.

ڪهڙي ڳالهه لاءِ؟

تنهنجي ڳالهه روئارڻ واري هئي نه؟

هوندي. پر مان روئي نٿي سگهان.

ڇو؟

"ڇاڪاڻ ته مون جڏهن هن راه تي هلڻ شروع ڪيو هو ته اکين جا سمورا آنسو پيئڻ بعد ئي هلڻ شروع ڪيو هو.

"الڪا!"

الڪا کو به جواب نه ڏنو ۽ اتان هلي ويئي.

ڪمار کي محسوس ٿيو ته هيءُ رستو جيڪو الڪا



Scanned with CamScanner

جنهن جهڙڪ آئنس سان پراڻو ٻيو آهي، بيحد ترڪيل رستو آهي. ۽ ڪنهن ڏينهن... ڪنهن ڏينهن ان رستي تان هنجو پير ضرور ترڪي پوندو ۽ هو محبت جي گهوڙيءَ ڪاهيءَ ۾ اچي ڪرندو...

( ٥ )

ٻئي ڏينهن صبح جو الڪا جڏهن آئي ته هن ڏٺو ڪمار ميز تي نه پر کٽ تي سمهيل هو ۽ ڪنهن اونهي ويچار ۾ غلطان هو.

ڇو طبيعت ٺيڪ نه آهي ڇا؟

ٺيڪ آهي.

رات دير تائين ڪم ڪيو هوو؟

”نه. بس ائين ننڊ ڦٽي پيئي آهي... الڪا، تون ڇا اڄا تائين انهن عورتن سان ڇمڇي تي پاڻي ڀرڻ ويندي آهين؟“

ها، راموءَ ۽ ناٿي کي ٻه ٻاڙهمندي آهيان. منهنجي شام ائين ئي گذري ويندي آهي.

تون ڪالهه شام جو ڇا ڪري رهين هئينءَ؟

”ڪالهه... ڪالهه ساليا جي ٻيڊي ٻيءَ جي گوڏن کي تيل سان مالش ڪري رهي هئس، هنکي انجي ڏاڍي تڪليف ٿي رهي هئي...“

الڪا، تون ڪنهن سان نه ٻلڪل سولائيءَ سان رشتو جوڙي ڇڏيندي آهين... تون جهٽ ۾ ڪنهنکي پنهنڄ

ٻڌائي ڇڏيندي آهين؛ ڪنهن کي ماءُ ۽ ڪنهن کي ڀيڻ.
تيون ڏينهن مان باوري وتان گذري رهيو هوس.
منهنجي ٻيرن جو آواز ٻڌي ڪرموءَ جي اندي ماءُ
مون کان تنهنجي ٻاري ۾ پڇڻ لڳي. هن کي تو کان
شڪايت هئي ته تون ٽن ڏينهن کان هن وٽ ڪا نه
ويئي آهين ۽ هن جي ڌيءُ منهنجي ٻڍيءَ ماءُ جو
مذاق اڏائي رهي هئي ته ٽن ڏينهن کان هن انڌيءَ جي
لٺ وڃائجي ويئي آهي ... الڪا؟

ڇڙو.

"تنهنجو ۽ منهنجو ڪهڙو رشتو آهي؟"

ويهن روپين جو رشتو.

ڪمار کان هڪ اونهو ساه کڄي ويو. هن وهاڻي
جي هيٺان هٿ وجهي ويهه روپيه ڪڍيا.

هان وٺ؛ هي ويهه روپيه.

پر تو هان ته چيو هو ته هاڻ ڪڏهن به ويهه روپيه
ڪا نه ڪمائي سگهنديس.

چيو ته هو، پر ...

"مونکي انجو ڪو به غم نه رهندو."

آئينديءَ جي ته ڪا به خبر ڪا نه اٿم. پر هي مونکي
تنهنجا رهيل پئسا ڏيڻا آهن.

"رهيل پئسا؟"

ها.


Scanned with CamScanner

”چو؟“

هن ڇوڪريءَ جي ٻيءَ ڪي ڇيو هو ته هو جيستائين پرلڊ موم بتيءَ تي هٿ رکي سگهندو اوتري دير اها ڇوڪري هنجي ساڃهه اڇي ٻهي ... تون اها ديوانگي سمجهي سگهين ٿي؟

ها.

پر مان ٿتو سمجهي سگهان.

ان ڇوڪريءَ جو ٻيءَ به نه سمجهي سگهيو هوندو.

”ها. ڪمري ۾ جڏهن جلندڙ گوشت جـــي بوءِ ڦهلجڻ لڳي ته ڇوڪريءَ جي ٻيءَ هنجو هٿ موم بتيءَ تان هٽائي ان ديوانگي کي ٻاهر ڪيڏي ڇڏيو.“

اهڙي ديوانگي هر ڪنهن جي حصي ۾ ڪانه ايندي آهي. صرف وان گاگه ۽ الڪا جهڙن جي حصي ۾ ئي ايندي آهي.

الڪا جڏهن ٻاڻ کي وان گاگه جهڙو سمجهڻ لڳي ته ڪمار بي اختيار ڪلي وينو.

تون جيڪڏهن وان گاگ جي زماني ۾ پيدا ٿين ها ته ويچارن کي ههڙن ڏکن مان ڪو نه لنگهڻو پوي ها.

”شايد مان هن جنم ۾ ان ڇوڪريءَ جو اهو ئي حساب چڪتو ڪري رهي آهيان. جيڪا جلندڙ گوشت جي بوءِ سنگهي به ڪمري مان ٻاهر نه آئي هئي“ يو آر ڪريزي.

• صرف ايترو خيال رکجہ تہ اهو ڪرڻ چوٽ جي بيماري اٿو. •

اها چوٽ جي بيماري توکي ۽ وان گاگہ کي ئي ٿي سگهي ٿي، مونکي نہ.

ڪمار بيپرواهيءَ وچان الڪا جو هٿ پڪڙيو. هٿ کي ڀهرين پنهنجي مٺي سان ؛ اکين سان ؛ چپن سان ۽ ؛ پوءِ پنهنجي ڇهري تي لڳائيندي چوڻ لڳو، • مان تنهنجي هٿن کي هڪ دفعو چهان يا هزار دفعا چهان پر مونکي اها چوٽ جي بيماري نہ لڳي سگهندي. •

اها بيماري لڳندي آهي تہ بنا ڇهڻ جي بہ لڳندي آهي ... الڪا بہ بيپرواهيءَ وچان جواب ڏنو.

هوا تيزيءَ سان لڳي رهي هئي ... الڪا جي پٺ دريءَ طرف هئي. جيتوڻيڪ الڪا پنهنجي وارن کي هنيان ورائي ڇڏيو هو پر تڏهن بہ مٺي وارين ننڍڙين چڳون هڪ جڳهہ نٿي جميون اهي وري وري هن جي پيشانيءَ تي پهچي رهيون هيون.

ڪمار اڳتي وڌي الڪا جي پيشانيءَ تي پکڙيل وارن کي هڪ ئي مٺ ۾ پريو ۽ پوءِ سنديس چپن جي ساهہ مان هڪ اونهو ساهہ پيشندي چيائين، • ڪو بہ جيوڙو مونتي اثر ڪو نہ ڪندو •

اهي ساهن ۾ ايترا ڪو نہ ٿيندا آهن جيترا خيالن ۾ ٿيندا آهن • الڪا چيو ۽ پير وارڻي ڪمري ۾ ويندي

چيائين، ”اڇو ته هاڻ ڪجهه ڪم ڪريون.“

ڪمار جا قدم هڪ عادت وانگر پـــر واري ڪمري طرف وڌيا، هنجي هٿن هڪ عادت وانگر ميز واري بتي ٻاري. پر ڪيس ائين لڳو ڄڻ هـو پنهنجي ڪم ڪرڻ واري ڪمري ۾ نه پر سمهڻ واري ڪمري ۾ آيو آهي.

”مونکي ائين تو لڳي ته هاڻ ويهه روپيه خرچ ڪرڻا ئي پوندا“ ائين چئي الڪا کي هٿ کان ڪڙي ٻهرئين ڪمري ۾ وٺي ويو.

ڪمار ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ دريءَ جي پـــردن کي ٺيڪ ڪندي چيائين، ”هيءُ صرف جسم جـــي محتاجي آهي الڪا، پيو ڪجهه به نه! اڄ جيڪڏهن تنهنجيءَ جڳهه تي ڪا ٻي عورت هجي ها ته ان سان به ائين ئي ٿئي ها“

ڪمار جي اها ڳالهه غير فطري ۽ غير انساني هئي. اڄ جيڪڏهن الڪا جي جڳهه تي ڪا ٻي عورت هجي ها ته هوءَ اهو سڀ ڪجهه برداشت نه ڪري ها.

الڪا نه صرف اهو سڀ ڪجهه برداشت ڪيو پـر انکي چڱيءَ طرح سمجهي پڻ ورتو ۽ چپ چاپ ڪپڙا لاهڻ لڳي...

سمجهيئه؟

ها، مان سمجهي ويٺي آهيان پر توهان نه.

مون کو نه سمجهيو آهي؟ ڇا نه سمجهيو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توهان پنهنجي ۽ ڳالهه ڪيو.
مون پنهنجي ۽ ڳالهه ڪئي نه سمجهيو آهي.
" ها. توهان نه اهو به نه سمجهيو آهي ته توهان اها ڳالهه چو چئي. توهانکي اها ڳالهه ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت محسوس ٿي اڄ جيڪڏهن منهنجي جڳهه تي ڪا ٻي عورت هجي ها ته توهانکي اهو ڪجهه چوڻ جو خيال به نه اچي ها."
چو نه ڪير به هڙي وقت ۾ اهڙي ڳالهه ڪو نه چوندو آهي.
" ها. ڇا ڪاڻ ته انوقت انهن جي دل جو ڪوبه رشتو نه هوندو ٻن گهڙين لاءِ اهي رشتي واري وهم ۾ مبتلا ٿي وڃڻ چاهيندا آهن ... اهو وهم خاموش رهڻ سان ئي ٽمندو آهي ۽ انڪري هو خاموش رهندا آهن... ۽ جيڪڏهن ڪنهنکي رشتي کان خوف ٿيندو آهي ته خاموشي مرڳو ان خوف کي وڌائي ڇڏيندي آهي. بس، انڪري ئي هن کي ڪجهه چوڻو پوندو آهي ... خوف کي ٽوڙي يا ٻري پڇائڻو ئي پوندو آهي."
" ۾ ويهن روپين جو رشتو اهڙو رشتو نه آهي جنهن کان ڪو به خوف ٿئي. ويهه روپيا ڏنا رشتو قائم ۽ نه ڏنا ته رشتو ختم."
توهان جيئن چاهيو تيئن سوچي سگهو ٿا. ۾ ڪي رشتا اهڙا به ٽمندا آهن جيڪي لفظن ۽ پئسي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گرفت کان آزاد ھوندا آھن.
ڪمار ھڪ ھٿ سان الڪا کي ٻانھ طرف ڇڪ
ھو ٻه ھنجي اھا ڳالھه ٻڌي ٻئي ھٿ سان ٻري ڪ
ڇڏيو ھو ۽ تڏھن ھن سوچيو ھو ته جيڪي رشتا
۽ ٻئي جي گرفت ۾ نٿا اچي سگھن سي ٻانھن
گرفت ۾ ته نه اچڻ گھرجن...
رشتو ڏسڻ ۾ نه ايندو آھي ٻه جسم ڏسڻ ۾ ا
آھي. رشتو ڪافي دور ھو ۽ جسم بلڪل قريب.
" رشتي جي تون ئي تلاش ڪندي آ؟ ره . مونک
صرف جسم گھرجي ... اھو به تنھنجو جسم "
چوندي الڪا جي ٻانھن کي اھترو ته زور سان ڪڙيو
ڪيس ڏپ ھو ته متان ھوءَ انڪار نه ڪري.
ڪمار جون آڱريون الڪا جي ٻانھن ۾ چڀي ر
ھيون، الڪا ڪجھه به نه چيو ھو ڪمار محسوس
ته ڪيس بيحد تڪليف ٿي رھي آھي. سنديس سا
مونجھه ٻڌ آھي. اھو محسوس ڪندي به ھن
زور سان ٻنھنجا چپ ھنجي چپن تي رکي اھو
بند ڪري ڇڏيو. جڏھن ھن سندس ساھ کي ٽوڙڻ
چاھيو. ڪيس ٻنھنجين نسن ۾ ڊوڙندڙ خون به ساھ
گرم لڳي رھيو ھو ۽ جيئن جيئن ھن الڪا جو
جسم ٻنھنجي لوھه جھڙي جلندڙ جسم سان ٻئي
تيئن تيئن ڪيس اھو خيال ٿئي آيو ته ھي نازڪ چو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڀهڙي لوهه سان به لڳي ٿي. ڇو؟ ڇو؟ ڪمار جلندي جلندي به هارائي ويٺو ۽ پوءِ روشندان مان ايندڙ سورج جي ڪرڻي مان هن ڏٺو ته هوءَ جيئن جو تيئن ريشم جي هڪ ڍير وانگر گڏجي مسجي هنجي ٻانهن ۾ ليٽي آهي.

ڪمار جڏهن ڪپڙا پائي ڪمري وارو ڪبٽ کوليو ۽ ان مان ويهه روپيه ڪڍي الڪا کي ڏنا ته هن ڪاڻ اهڙي ڳاله چوڻ ٿي چاهي جيڪا الڪا کي بري لڳي ۽ هن کي دک پهچائي. پر هنکي ڪا به اهڙي ڳالهه خيال ۾ نه آئي صرف هنجي چپن تي هڪ مسڪراهٽ ابري آئي جيڪا سامهون واري ماڻهوءَ جي بي عزتي ڪندي هجي.

ڪمار جي هٿن مان روپيه وٺندي الڪا جي چپن تي به هڪ مسڪراهٽ ابري آئي ... اهڙي مسڪراهٽ جيڪا سموريءَ بي عزتيءَ کي پي فخر سان پر جي ويٺي هجي.

” چاليهه روپيه روز . ويهه روپيه رات جي سپني جا ۽ ويهه روپيه ڏينهن جو سپني پوري ڪرڻ جا. “

تون سمجهين ٿي ته تون روز رات جو مون کي سپنو وڪڻي سگهندينءَ . مونکي اڄ کان پوءِ تنهنجو ڪو به سپنو نه ايندو.

” ٺيڪ آهي. پوءِ سڄيءَ رات جاڳندا رهجو.“ الڪا چيو ۽ کٽ تان اٿي ڪپڙا پائڻ لڳي.

منجهند تائين الڪا جهڙيءَ طرح چپ چاپ ڪم ڪندي رهي؛ تهڙيءَ طرح ئي هلي به ويئي.

ڪمار رسوئي ڪاڏي ۽ ڪجهه ڪلاڪ آرام ڪري ۽ پوءِ شام ٽيڻ ڏيڻي پهاڙ تي گهمڻ هليو ويو.

رات گهري ٿي ويئي. ڪمار جڏهن واپس آيو ته هر روز جيان ڪانو ٿاهي ڇهيٺي بساهه تي رکي چڙهيو هٿائين. ڪمار رسوئي ڪائي ڪٿ تي ليٽي پيو.

اڄ ڪيس پنهنجي ننڊ کان خوف ٿي رهيو هو... هو گهبرائجي اٿي ويهي رهيو. ڪيس لڳو ته جيڪڏهن هو سمهي پيو ۽ ننڊ کچي ويس ته هو پڪ ئي پڪ ننڊ واري ترڪڻي پيچري تان ڪسڪي سپني جي اونهي کوه ۾ وڃي ڪرندو.

(٦)

ڪمار کي دهليءَ مان پنهنجي هڪ دوست جو خط آيو... هن هڪ وڏي هوٽل ٺهرائڻ جو ٺيڪو کنيو آهي ان جي ڊزائن وغيره لاءِ کيس ڪجهه وقت لاءِ ڪمار جي ضرورت آهي.

ڪي سال اڳ ۾ به هن هڪ ٺيڪو کنيو هو ۽ ان ۾ ڪمار جي مدد سان کيس ٧٠ هزار جو فائدو پيو هو. ان فائدي جي حصي مان هن ڪمار کي هن پهاڙي واديءَ ۾ زمين ٽڪر وٺي ڏنو هو.

ڪمار کي جيتوڻيڪ پئسي جي ضرورت ڪا نه هئي

پر هن الڪا کان ڪجهه وقت دور رهي پنهنجيءَ حالت
جو جائزو وٺڻ ٿي چاهيو ان ڪري هن دهلي وڃڻ جو
فيصلو به ڪري ڇڏيو.
برابر ٿي ڏينهن هن الڪا سان ان باري ۾ ڪا به
ڳالهه نه ڪئي پر آخر ۾ پڇائڻو ئي هو ۽ پڇائڻو ئي پيو.
”ٺيڪ آهي توهان وڃو . مان هتيئي رهنديس.
امرتسر ڪا نه وينديس“
پر تون پڻ مهينن لاءِ اوڏانهن ڇو ٿي وڃين؟
تنهنجي پيءُ توکي ٢-٣ دفعا خط به لکيا آهن.
ٺيڪ آهي، پر ٽن ڏينهن لاءِ هلي وينديس . وري
واپس هلي اينديس.
سو تون هتي اڪيلي ئي رهندينءَ . گهر ڪا نه
ويندينءَ؟
هڪ ڏينهن توهان چيو هو ته جيڪڏهن ڪٿان
پئسا اچي ويا ته باغ جي پريڻءَ ڪنڌ ۾ سليٽن واريون
جهوپڙيون ٺهرائيندا.
ها. مون انهن لاءِ سوچيو هو، جيڪي هت رهي
ڪو ڪم ڪرڻ چاهيندا آهن.
مان به ته انهن مان هڪڙي آهيان ...
پر تون هت ڪيستائين رهندينءَ الڪا؟ ڇهه مهينا
يا هڪ سال . هاڻ تنهنجو پتاجي تنهنجي شادي ڪرڻ
تو چاهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

" مان نه رهنديس نه مون جهڙو ڪو بيو رهندو،
هاڻ آءٌ توهان وٽ پئسا اچڻا آهن سو جهوپڙيون ضرور ٺهرايو."
واپس اچي پوءِ سوچيندا سون.
توهان صرف انهن پرزائيمون ٿاهي ڏيو.
۽ تون منهنجي واپس اچڻ تائين اهي ٺهرائي
ڇڏيندين؟
ها.
اڪيلي ڪيئن ڪري سگهندين؟
چاچو چيتو سمورو ڪم ڪندو. سامان به خريد
ڪري ايندو ۽ مزورن جو انتظام به ڪندو. هنکي به
ڪجهه پئسا ملي پوندا. هن سال ئي ڪين پنهنجي
ڌيءُ جي شادي ڪرائڻي آهي. هو خوشيءَ سان سمجهه
ڪم ڪندو.
پر پئسا ته تڏهن ملندا جڏهن اتي وڃي ڪم
ڪندس.
في الحال مان پنهنجا خرچ ڪنديس. توهان اتان
موڪلجو يا واپس اچي ڏجو.
ڪمار ڪي چاڻ هئي ته الڪا ڪافي امير گهراڻي مان
آهي ۽ امير ڪسان وڏيڪ پنهنجي مرضيءَ جي مالڪ
پڻ آهي.
پر ڏينهن جي الدر ئي هن سموريون پرزائيمون

تيار ڪري الڪا ڪي ڏليون ۽ چاچي ڇيتوءَ ڪي سڏائي
سمورو ڪم الڪا ڪي سونپي ڏنائين ۽ پاڻ ڍڳا ڍڳا وڃڻ
لاءِ تيار ٿي ويو.
چڱي ڀلي صبح ۽ منجهند نه گذري ويئي ته ٿر ۾ هن
پڪوت ۾ گذارڻ واريءَ آخرين شام کي اللجي چا ٿيو جو
ڪمار کي ائين لڳو ڄاڻ هو اداس ٿي ويو آهي. بيحد
اداس! اداسي شايد ڪيترن ئي ڏينهن کان هن وٽ
کهلي ٿي آئي ۽ اڄ ائين آئي هئي جڻ ڪمار کي
ڪا خبر به نه پيئي. خبر تڏهن پيس جڏهن مجسم شڪل ۾
اچي سندس سامهون اچي بيٺي هئي.
"سو تون اچي ويئينءَ؟" ڪمار اداسيءَ جي
چهري طرف ڏٺو هيڪو سانورو رنگ شام جي لالائيءَ ۾
چمڪي رهيو هو. هن کي به جواب ڏيڻ صرف
هلڪو مسڪرايو ۽ آهستي ڪمار جو هٿ پڪڙي
ٻاهر باغيچي ۾ زيتون جي وڻ وٽ هلي آئي.
هتي، باغيچي جي هن ڪنڊ ۾ الڪا جي جهلمل
ڪندڙ جهوپڙي نهندي.
۽ هوءَ هن جهوپڙيءَ ۾ آخر ڪيترا ڏينهن رهي
سگهندي؟
جيترا ڏينهن نه رهي ...
۽ مان انهن ڏينهن جي قيمت سڄي عمر جي درد
جي صورت ۾ ادا ڪندو رهندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”تو ڪڏهن ان قيمت تي ٻـ. غـور ڪيو آهي جيڪا هن توکي اهڻائڻ لاءِ ادا ڪئي آهي ۽ اڃتي ٻه الاجي ڪيتري. چڪائيندي رهندي.“

اوهه...

تو هنجي جسم جي قيمت ويهه روپيه مقرر ڪئي ۽ هن سويڪار ڪيو.

مون اصل ۾ ڪا به قيمت مقرر ڪا نه ڪئي هئي پر هڪ دوري رکڻ لاءِ اهي ويهه روپيه وچايا هئا...

مان چاڻان تي. پر تون چا ان همٿ کي نٿو مڃين جنهن ههڙيءَ بي عزتيءَ پنهنجي عزت ڪري سمجهيو آهي.

تون نيڪ تي چوين.

تو ڪيس هڪ طرح وئشيا به چيو آهي.

مونکي اهو نه چوڻ ڪپندو هو.

پر هن ان لفظ کي ڪٽي ان اونچيءَ جڳهه تي آڻي رکيو جتي صرف پتنيءَ جو لفظ رکي سگهجي ٿو.

مونکي ياد آهي ته هن چيو هـو... جهڙي طرح مـان هڪ وئشيا بڻجي سگهان ٿـي اهڙي طرح هڪ پتني به بڻجي سگهان ٿي.

توکي اهو به خيال نـ آيـو آهي تـ جيڪڏهن ههڙي عورت وئشيا بـ هوندي تـ صرف هڪ مرد جي هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مونکي هنجي بي عزتي ڪرڻ جو ڪو به حق نه هو پر توکي خبر آهي ته مون کي ڪهڙي ڳالهه ڪان ڏڪ آهي؟

تون مونکان ڏڇين ٿو.

چاڪاڻ ته مونکي خبر آهي نه تون هر خوشيءَ کي جلدي سنگهي وٺندي آهين.

" خوشي شين ۾ نه پر دل جي حالت ۾ هوندي آهي. مان صرف شيون سنگهندي آهيان. انهن جي پنيان پڇي سگهان ٿي پر ڪنهن جي دلي حالت کي ڪجهه نٿي ڪري سگهان "

مان الڪا کي ان ڪري حاصل ڪرڻ نٿو چاهيان

چاڪاڻ ته هن ۾ گم ٿي وڃڻ کان ڏڇانٿو.

مان انڪري ئي تو وٽ آئي آهيان ۽ الڪا وٽ وڃڻ جي مون ۾ همت نه آهي.

مونکي اها ڄاڻ آهي ته تون هڪوار جنهن وٽ ايندي آهين نه عمر ڀر هن جو ساٿ نه ڇڏيندي آهين.

مان عمر ڀر توکي پاڻ سان گڏ ڪٺندو گهمندس.

مان تنهنجا ڪيترائي ڪم سنواريندس.

ڪهڙا ڪم؟

تون جڏهن تصويرون ٺاهيندين ته مان انجي اکين ۾ ڪاجل پريندس.

" پر ... "



Scanned with CamScanner

مان جن شخص جي ڪپڙن ۾ مس او ٿيندي آهيان،
جاڻين ٿو انهن جي قلم مان ڪهڙا گيت ڏڪرندا آهن؟
۽ جن هٿن ۾ قلم ۽ برش هوندا آهن، تو ڪڏهن
انهن جي هٿن جي قسمت ڪي به ڏٺو آهي؟

قسمت جي شين کي گڙن سان نه ماپڻ گهرجي.
نه سهين، حالتن جي گڙن سان ئي سهين. ۽ هي ۽
ڪهڙي حالت آهي؟ هر ساه سان گڏ منهنجي سيني
۾ هڪ درد ايري ٿو ...

ڪمار پنهنجو هينيون چپ ڏندن سان ٽڪرايو ۽
اکيون بند ڪري پنهنجي ساڄي هٿ سان پنهنجي
سيني کي دٻائڻ لڳو ...

" توهانجي طبيعت ٺيڪ نه آهي ... " الڪا آهستي
پنهنجو هڪ هٿ ڪمار جي ڪلهي تي رکيو ڪمار
منهن ڦيري ڏٺو ... الڪا هنجي پنيرو بيٺي هئي . هو
چپ چاپ سنديس چهري طرف ڏسندو رهيو ۽ پوءِ
هن پنهنجي ڪلهي تي رکيل الڪا جو هٿ پنهي هٿن
۾ ڪڻي چپن تي رکي ڇڏيو.

ڪمار چيو ڪجهه به نه . صرف الڪا جو هٿ
پڪڙي آهستي آهستي هلندو باهيچي مان ٻاهر هليو آيو
۽ ٻاهرين ڪچيءَ سڙڪتان هلندو سامهون واريءَ ٻهاڙيءَ
تي چڙهڻ لڳو. ڪٿي ڪٿي ڪا ڪنڊن واري ٽاري
الڪا جي ڪپڙن سان الجهي ٿي وڃي. ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمار اڳيان اڳيان هلندو هٿن سان ٽارين کي ٻري
ٽائيندو ۽ الڪا لاءِ رستو ٺاهيندو ان ڀاڙيءَ طرف
ٿيندو ٿي ويو.

هڪ جڳهه تي هڪ وڏو پٿر آسڻ وانگر وڇايو پيو
و. ڪمار الڪا کي ان تي وهاري پاڻ ب هنجي پر
ويهي رهيو. ٻـوءِ آهستي هن الڪا جو چهرو نيڪ
جڳهه تي رکي ڇڏيو جتي ڪيس ساه کڻڻ مهل درد
رهيو هو.

هڪ ٿڌي ملائم مرهم ڪمار جي سيني تـي لڳي
ٿي. پنهنجي ڏائي هٿ جي ترئَ سان هنجي وارن
هٿ ڦيريندو رهيو. الڪا جـي لاءِ هيءُ هڪ اهڙو
ربو هو جو هوءَ وڌيڪ پاڻ جهلي نہ سگهي. هنجي
ين مان بي اختيار ڳوڙها پرجي آيا.

ڪمار پنهنجين آڱرين سان هنجا ڳوڙها اگهيا ۽
ستي هنجي ڇپن کي چمندي چيائين ؛ ”چري! تو
چيو هو تہ جڏهن هن راه تي هلي هئين تہ اکين جا
ورا آنسو ٻي ٻوءِ ئي هلي هئين ؟“

هيانءُ پرجي وڃڻ سان هوءَ ڪجهه چئي نہ سگهي.
ڪمار هڪ وڏي وڻ وانگر ڪيس پنهنجيءَ ڇاتيءَ
سان لڳائي ڇڏيو ... هڪ نازڪ ٽاريءَ کي پنهنجي ڇاتيءَ
سان جڙي ڇڏيو.

الڪا روئڻ لڳي. ڪمار هنجي هڪ هڪ سڏڪي

ڪي چميو. الڪا جي ٻڌائيءَ ڪري چمندي چيائين
”تون مونکي معاف نه ڪري سگھندينءَ. مون توکي
ڏاڍو ستايو آهي نه!“

الڪا پنهنجيون ڏڪندڙ آڱريون سان ڪمار جا چپ
بند ڪري ڇڏيا. جڏهن هو وڏيڪ ڪجهه به چئي نه
سگهي. پوءِ هڪ اونهو ساهه کڻندي چيائين: ”ستائڻ
واري عادت مون ئي توهان ۾ پيدا ڪئي هئي ان
ڪري ئي ڪڏهن ڪا نه رنجي هئس ۽ توهان ۾ هيءَ
ٻرميءَ جي عادت مون ته ڪا نه وڌي هئي...“

ڪمار جي زندگيءَ ۾ شايد هيءَ پهريون ئي موقعو
هو جو هنجون اکيون پرجي آيون. گهٽيل گلي سان
چيائين، ”جيڪڏهن تون چوين ته مان دهليءَ نه وڃان.
مان ڪم ڪرڻ نه ٿو توکان دور پيچرو لاءِ ٿي وڃي رهيو
آهيان.“

الڪا ڪمار جي چهري طرف ڏسڻ لڳي. چنڊ
پنهنجي هيٺ سان بادل جو هڪ ٽڪرو ٻري ڪيو؛
ڪمار جي چهري ڏانهن تڪيندو رهيو هو ته شايد
الڪا وانگر حيران ٿي ويو هو.

”جنهن گهاٽي جهنگل ۾ چانڊنيءَ جو جادو نه ڏٺو
هوندو ان کي منهنجي حالت جو ڪو به اندازو نه ٿي
سگهندو. تنهنجو جادو هن چانڊنيءَ کان به وڏيڪ
آهي جادوگرڻي...“ ڪمار پنهنجن چپن سان الڪا

جي گردن کي ڇهيو.
الڪا جي گردن کي ڪمار جي ڇپن سان ڇهيو ۽
الهن مان نڪرلڊڙ هڪ آه ٻڌي.
توهين بيحد اداس آهيو؟
ايترو اداس مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه
ٿيو آهيان.
چانڊنيءَ جو هي جادو ڪهڙو جادو آهي ۽ جادو
جا اداسي ڏيندو آهي؟
هنجي ڏنل هرچيز ۾ نہ اداسي هوندي آهي چاڪاڻ
ته جادو آخر ۾ لهي ويڻ واري چيز آهي.
منهنجو جادو به لهي ويندو؟
هاڻي منهنجي پنهنجي وس ۾ ڪجهه به نه آهي
الڪا. سڀ ڪجهه تنهنجي وس ۾ ٿي ويو آهي هيءَ
جادو تنهنجي ئي رحم تي رهندو.
توهان انڪري ئي اداس آهيو؟
مون ان جادوءَ کي ختم ڪرڻ جي پوري ڪوشش
ڪئي هئي ۽ ان ڪري ئي تنهنجي جسم جي قيمت
به روپيا مقرر ڪئي هئم...... توکي هڪ ڳالهه ٻڌايان
الڪا؟
ٻڌايو.
جڏهن جڏهن توکان وڇڙڻ جو وقت ويجهو پوندو
هو تڏهن تڏهن منهنجي سيني ۾ هڪ درد پيدا ٿيندو ويو.

سچو ٻچو درد. جنهن نمونيا ۾ ساه ڪٽڻ وقت تنهنجو آ
۽ جنهن وقت توکي ٻنهنجي سيني سان لڳايم
ته منهنجو درد دور ٿيندو ويو ... ... هيءَ هڪ
وڏي مهراڄي آهي الڪا.

ڪمار الڪا جي مٿي تي رکيل هٿ ڪٽي ٻنهن
اکين تي رکي ڇڏيائين ڇيائين مون ڪوشش ڪئي
جنهن اسان ٻنهي ۾ دوري رهي. ۽ الڪا ڏس ٻمان
ڏ. تنهنجي وس ۾ اچي ويو آهيان.

ڪمار خاموش ويٺل الڪا کي ٻنهي ٻانهن سان
سان ڏوڏيو. " الڪا سچ ٻچ ٻڌاءِ. تون مون کي ڇ
ته ڪا نه ويندينءَ؟ هن چانڊوڻيءَ جو جادو ڪڏ
ڪو نه لهندو؟ منهنجي سيني ۾ جڏهن درد ايءَ رڪ
تون سيني سان لڳي اهو غائب ڪري ڇڏيندينءَ
الڪا ... الڪا ... تون جهڪڏهن مون کي ڇڏ
ويندينءَ ته ... "

الڪا ٻنهنجيون ٻئي اکيون انهن بند ڪري ڇ
ڇيڻ ٻنهنجا آنسون اندر ئي اندر ٻيئندي هئي.
ٻنهنجا ئي نه ۽ ڪمار جا ٻڻ.

تون ڪجهه ڳالهاءِ نه؟

انڪري ته هاڻ منهنجي جادوءَ ڪم ڪيو آهي

اڄ تون بيحد خوش آهين نه الڪا؟

نه ، اڄ مان اداس آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇو ؟

مون ائين ڪو نه سمجهيو هو ته ڪو منهنجي جادوءَ جو هيءُ اثر ٿيندو.

" تو جيڪي ڪجهه چاهيو ٿي سو ماڻو اٿيئي. جيڪڏهن ڪنهن ڪجهه وڃايو آهي ته اهو مان آهيان. تو ته ڪجهه ڪو نه وڃايو آهي ؟ "

ها. مان اڪري اداس آهيان جو توهان کي اها چيز وڃائڻي پئي جنهنکي توهان وڃائڻ نٿي چاهيو. "

پر الڪا، مان پنهنجي آزادي تياڳڻ کان سواءِ توکي اپنائي به نٿو سگهان. مان ته توکي اپنائڻ چاهيان ٿو.

مونکي اپنائڻ جو خيال ڇڏي ڏيو.

اهو تون ٿي چوين الڪا ؟

ها.

" پر الڪا، هاڻ مان توکانسواءِ رهي به نٿو سگهان. منهنجي جسم ۾ هڪ بڪ، هڪ باه دکي رهي آهي... "

مان توهان جي مقرر ڪيل قيمت تي توهان کي پنهنجو جسم ڏيندي رهنديس.

پر ويهه روپيه ڏيئي تنهنجو جسم وٺڻ، تنهنجي بي عزتي ڪرڻي آهي.

مون کي ان ۾ ڪڏهن به اڳ بي عزتي محسوس نه ٿي آهي ۽ آئينده به نه ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

"هر ڇوڪري هميشه ائين محسوس ڪندو آهي ته مان ڪنهنجي عزت وٺي رهيو آهيان."

پر اها بي عزتي ڪري ته توهان خوش ٿيندا هئا.

چاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان منهنجي آزادي مونوٽ قابو رهندي هئي.

اها ته هاڻ به توهان وٽ رهڻ گهرجي.

"هر ڪ چيزون هڪ ئي وقت حاصل نٿو ڪري سگهان الڪا پنهنجي مان هڪ کي وڃائڻو پوندو. تون ئي ٻڌاءِ، ڇا تون هڪ ئي وقت ٻئي چيزون حاصل ڪري سگهندين؟ ڇوڪري به ۽ آزادي ڪي به؟"

مونکي ٻئي مليل آهن.

اهو تون ڪيئن ٿي چئي سگهين. مان جيڪڏهن دهليءِ هليو ويان ۽ اتي به مهينا ڪن رهان ته ڇا تون ائين ٿي سمجهين ته مان ڪنهن ٻيءَ عورت وٽ ڪو نه ويندس.

وڃي سگهو ٿا. هر ڪو نه ويندا. جيڪڏهن ويندا به ته اڪيلا نه، مان به توهان سان گڏ هونديس.

اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

وڃي ڏسو.

"پر مان اهو ڏسي ڇا ڪندس ... مان ته توکي حاصل ڪرڻ ٿو چاهيان."

توهان هنوقت مونکي حاصل نٿا ڪري سگهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪيستائين لڪو ڪري سگھان؟

جيستائين توهانجي محبت ۽ توهانجي آزادي پٺي
ملي هڪ ٽنا تي وڃن.

پر الڪا اهي الڳ الڳ چيزون آهن اهي هاڻ پر
ڪيئن ملنديون؟

" جنهن ڏينهن اهي پٺي هاڻ پر ملي وينديون تنهن
ڏينهن ڪانپوء توهان ڪڏهن به اداس نه رهندا. "

پر الڪا...

هاڻي هلو صبح جو توهانکي اٿڻو آهي.

هاڻ صبح جو جلدي اٿڻ جي ڪا به ضرورت
نه آهي.

نه، سياڻي توهانکي دهلي ۽ وڃڻو آهي.

" الڪا، تو مونکي حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ هاڻ
جڏهن پنهنجو سڀ ڪجهه تنهنجي حوالي ڪري رهيو
آهيان ته تون ڪجهه به نٿي وٺين. "

ان ڳالهه جو جواب پٺي ڪنهن دفعي ڏينديس.

ڪڏهن؟

جڏهن اتان واپس اينداسين.

ان رات سمهڻ وقت ڪمار کي ائين لڳو ته سياڻي
صبح جو جڏهن هو دهلي ۽ ويندو ته ميلن جي اها
ڊوري ڪيس اداسيء جي اونداهيء غار ۾ ڪٽي ڦٽو
ڪندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

( ٧ )

ڪمار دهلي هليو ويو. سندس دوست ڪيول ڪرشن ڪيس اسٽيشن تي وٺڻ آيو هو . ڪمار جـــي پنهنجي دوست سان پنجن سالن کان پوء ملاقات تـــي هئي پر ڪيس ائين لڳو هو ته ’هو ڪيس پنجويهن سالن کان پوء ڏٺو آهي. پنهي جـــي زندگين ۾ ڪافي ڦيرا اچـــي چڪا هئا.

ڪيول ڪرشن پنهنجي بنگلي ۾ هڪ وڏو هوادار ڪمرو ڪمار لاء سجائي رکيو هو. ڪمار ڪجهه دير آرام ڪيو ۽ ان بعد پنهنجي ڪم تي بحث ڪرڻ لڳا

ڪجهه ڏينهن گذريا ... الڪا جو ڪو به خط نه آيو. ڪمار به گهڻي ڪم سبب الڪا بابت ڪو نه سوچيو هو. اٽڪل ايڪويهن ڏينهن کان پوء الڪا جـــو هڪ ننڍڙو خط آيو؛ جنهن ۾ هن پاڻيپچي وارين جهوپڙين جي بـــاري ۾ ڪجهه ڳالهيون پڇيون هيون. سوال معمولي هئا؛ ڪمار يڪدم هڪ ئي خط ۾ ســـمورا جـــواب ۽ ڪيول ڪرشن کان به هزار روپيه وٺي موڪلي ڇڏيا.

هڪ مهينو گذري ويو. الڪا جي ڪنهن به يادگيري ڪمار کي پريشان نه ڪيو. ٽي چار دفعا الڪا جا سپنا ضرور آيا پر اهي معمولي هئا. ڪنهن وقت تصوير ٺاهي رهي هئي يا ڪنهن وقت ڪو ڪتاب پڙهي رهي هئي اڳي وانگر جيئن ڪمار کـــي سندس سمجهه ڏسنديئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هڪ عجيب باھ وڪوڙي ويندي ھئي ، ڪو نہ نيو. اھا حيراني ڪمار کي ستي لڳي.

ڏيڍ مهينو گذري ويو ... الڪا جي ياد پريشان نہ ڪيو. ڇڻ ھنجن ڏينھن ڪانپوء ڪمار رات جو ڪم ڪانپوء جيئن ئي پنھنجي ڪمري ۾ آيو تہ ھنجي ڪمري ۾ ويھن پاويھن سالن جي ھڪ ڇوڪري ويٺي ھئي. ڪمار ڪيس پنھنجي ڪمري ۾ ڏسي حيران ٿي ويو.

ڪمار کي ڏسنديئي اھا ڇوڪري ڪرسيءَ تان اٿي کڙي ٿي ۽ اڳين مسڪرائڻ لڳي جڻ ڪمار کي ڪافي وقت کان سڃاڻيندي ھئي. ڪمار وڌيڪ حيران ٿيجي ويو . ھو اڃا حيرانيءَ ۾ ٻيٺو ئي ھو تہ ان ڇوڪريءَ ڏاڍي ھوشياريءَ سان ميز تي رکيل شراب گلاس ۾ اوتي انھي طرف وڃھي ڪمار جي اڳيان پيش ڪيو.

ڪمار سمجھي ويو تہ اھو ڪم ڪيول ڪرشن جو ئي ڪيل آھي. ۽ کيس عجب لڳو تہ ھن کيس ان بابت آگاہ ڇو ڪين ڪيو ھو.

ڪمار گلاس ھٿن ۾ جھلي ٻيٺو رھيو.

”وٺو.“ ان ڇوڪريءَ کيس ھٿن ڪانوئي ڪرسي تي وھڻ جو اشارو ڪيو. ڪمار کي ھاڻي ئي محسوس ٿيو تہ ھو اڃا تائين ٻيٺو آھي.

ڇوڪريءَ ھڪ ٻيو گلاس ڀريو ۽ اھو پنھي ھٿن ۾ ڪڻندي ۽ مٿي کڻدي ۽ ھوء ٻيٺندي چيائين.

”توهانجي خاطر.“

ڪمار مسڪرائي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺــو. هـــوءَ خوبصورت هئي. هـــو ان ڇوڪريءَ کي اُئين چاچي ڏسي رهيو هو جيئن ڪمس وهاري پينٽ ڪرڻي هئس.

الاجي ڪيئن ڪمار پڇي ويٺس، ”ڪيول، رات جا ڪيترا پئسا ڏنا اٿئي؟“

پئسن جو فڪر توهان نه ڪريو. ڪيول صاحب مونکي ڏيئي ڇڏيا آهن ۽ هيتري وقت اهي ڳالهيون نه ڪبيون آهن. اُئين چئي ميز تان شراب جي بوتل کڻي ڪمار جي گلاس ۾ اوتڻ لڳي.

ڪمار هڪ ئي ڍڪ ۾ سمورو شراب پي ويـــو ۽ باٿ روم ۾ وڃي ڪپڙا بدلائڻ لڳو.

هو جڏهن واپس ڪمري ۾ آيو ته ڇوڪري سندس بستري تي ليٽي پيئي هئي. هن پنهنجي جسم تي چادر ڍڪي ڇڏي هئي ۽ پنهنجا لٿل ڪپڙا ويڙهي ميز تي رکي ڇڏيا هئائين.

ڪمار پوءِ ته ڪافي دير بستري جي پير ۾ ويهي ڇوڪريءَ کي ڏسندو رهيو. پوءِ هٿ وڌائي سندس جسم تي ويڙهيل چادر جي هڪ ڪنڊ هٽايائين، پوءِ ڪلهي، ڇاتين ۽ چيلهه تائين هٽائي ڇڏيائين...

تنهنجو نالو ڇا آهي؟

”ڪانتا.“

رات جو واپس ڪيئن وينديون؟
جيڪڏهن جلدي ڇڏيو ته ٽئڪسيءَ ۾ هلي وينديس
نه ته، ته صبح جو ئي هلي وينديس.

ڪمار دل ۾ سوچيو ... هن ڇوڪريءَ کي جلدي
فارغ ٿيڻ گهرجي. هن بستري تي ڪانتا وٽ ويهندي
بتي وسائي ڇڏي.

اڃا ڪمار کي ويهندي هڪ گهڙي به ڪانه گذري
هئي جو هو هڪ ڇرڪ ڀري اٿي ڪري ٿيو ۽ ٻاهر دريءَ
طرف ڏسندي چيائين، "ٻاهر دريءَ وٽ ڪير بيٺو
آهي." چادر کي جسم تي ويڙهي ڪانتا دريءَ وٽ
اچي ۽ کولي چوطرف ڏسندي چيائين، "هتي ته ڪير
به نه آهي. توهين ڀاڻ ئي اچي ڏسو."

ڪمار به دريءَ وٽ اچي ڏٺو. ٻاهر ڪير به ڪو نه
هو. ڪانتا واپس بستري تي هلي آئي ۽ ڪمار به
دريءَ وارو پردو ٺيڪ ڪري واپس بستري تي هليو آيو.

ڪمار جو ڌيان اڃا تائين دريءَ طرف هو. هو ٻئي
اکيون بند ڪري ۽ ڌيان هٽائيندي ڪانتا جي چادر
لاهڻ لڳو ... اچانڪ سندس هٿ رڪجي ويا.

"ٻاهر ڪنهنجي هلڻ جو آواز اچي رهيو آهي."

ڪانتا ڪن لڳائي ڌيان سان ٻڌڻ جي ڪوشش
ڪئي. ڪٿي به ڪا آهٽ ڪا نه هئي.

ڪانتا ڪيس ٻانهن کان ڌوڏيندي چيو: "جيڪڏهن

گهڻو شراب پيتو هجو ها ته جيڪر سمجهان ها ته توهان نشي ۾ آهيو پر توهان ته نه ڇهڙو پيتو آهي.“

ڪانتا، مان نشي ۾ نه آهيان. مونکي بلڪل صاف صاف ڪنهن جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو.

ٺيڪ آهي، جيڪڏهن ڪو ٻاهر هوندو ته ته ڇا ٿيندو؟ مان اندران دروازو بند ڪري ڇڏيانٿي.

ڪمار چپ چاپ وهاڻي تي ڪنڌ رکي ليٽي پيو. ڪانتا ڪمار جو هٿ پڪڙيو ۽ سندس ٻانهن کي پنهنجي پٺيءَ طرف ورائي ڇڏيائين.

تو ڪانچ جون ايتريون چوڙيون ڇو پاتيون آهن؟ ڪانچ جون چوڙيون؟

ها، تنهنجي ڪراين مان انهن جو آواز پيو اچي.

پر مون ته ڪانچ جون چوڙيون ڪو نه پاتيون آهن.

ڪمار چرڪ ڀري حيران ٿي اٿي ويٺو. هن ڪمري جي بتي ٻاري، ڏٺائين ته ڪانتا جون ٻئي ڪرايون خالي هيون؛ ”پوءِ اهو آواز ڪٿان ٿي آيو؟“

ڪانتا ڪو به جواب نه ڏنو. ڪمار جو پورو جسم ڏڪي رهيو هو. هن ڏڪندڙ چپن سان ڪانتا کي چيو ته هوءَ ٽئڪسي جا پئسا وٺي پنهنجي گهر هلي وڃي جو هنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي ۽ سمهڻ سان ئي ٺيڪ ٿي ويندي.

ڪانتا خاموش هئي. هوءَ ساڳي چادر سان بستري تان اٿي ميز تان ڪپڙا کڻي باٿ روم ۾ پائڻ لاءِ هلي ويئي. جڏهن ڪانتا هلي ويئي تڏهن ڪمار دروازو بند ڪري پلنگ، تي ليٽي پيو ... هن محسوس ڪيو ته دريءَ تي الڪا جو ئي پاڇو هـو ... دروازي جـي پاهران هنجي ئي قدمن جي آهٽ هئي ... ڪرڻ مان ايندڙ آواز الڪا جي چوڙين جي آواز جهڙو ئي هو ...... هن جيڪي ڪجهه ڏٺو هو، پڙهو هو اهو پيو ڪجهه نه هو پر اهو رستو هو جيڪو کيس پاڳلپڻ واريءَ اونداهيءَ غار طرف وٺي وڃي رهيو هو.

( ٨ )

ڪمار کي پڻي ڏينهن ئي ڇاتيءَ ۾ سور ۽ بخار تي پيو. تڪليف دور ٿيڻ بعد به ڏينهن آرام ڪري واپس الڪا طرف وڃڻ لاءِ تيار ٿيو.

گاڏي جڏهن پيروالا اسٽيشن تي پهتي، اتي ڪمار چاچا چيتوءَ کي ڏسي حيران ٿـي ويو. چاچي چيتوءَ اڳتي وڌي ڪمار جي هٿن مان سوٽ ڪيس ورتو ۽ کيس ٻڌايائين ته هو لڳاتار ٽن ڏينهن کان کيس ڏسڻ لاءِ اسٽيشن تـي ايندو رهيو آهي. الڪا ئي کيس هتي موڪليندي آهي. ڪمار کي اهو ٻڌي ڏاڍو عجب لڳو.

ڪمار جي زمين پيروالا کان ڏيڍ ميل پري هئي ۽ اهو سچو رستو چڙهائيءَ وارو رستو هو. چاچا چيتوءَ جي


Scanned with CamScanner

هٿن ۾ وزن هو الڪري هو ڪافي ٿڪل ٿي رهيو هو. ڪمار جهوپڙين تائين به اچي پهتو. شام جي لاليءَ ۾ سلمڻن واريون جهوپڙيون سون وانگر چمڪي رهيون هيون. ڪمار انهن جهوپڙين وٽ پهتو ته هڪ جهوپڙيءَ ۾ باه جي روشني ڏٺائين. دروازي وٽ اچڻ تي هن جي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي؛ ڪن پل لاءِ هو اتي جو اتي رڪجي بيهي رهيو.

اندر وينل الڪا، شايد هن جي قدمن جي آهٽ ٻڌي ورتي هئي. هوءَ اٿي دروازي طرف آئي ... ان وقت جيڪڏهن ڪير سامهون واري اوچي پربت تان هن جهوپڙيءَ طرف ڏسي ها ته ائين ئي سمجهي ها ته ڪنهن به بت تراشي ڪَٽي اتي رکيا آهن.

جهوپڙيءَ اندر ڏاڍي ٻاسي هڪ ننڍو چبوترو ٺهيل هو؛ ان تي قيمتي پشم جو ٺهيل غاليچو وڇايل هو چبوتري جي سامهون هڪ وڻ هو؛ الڪا هيٺان هڪ ڏيئو ٻري رهيو هو.

ڪمار بي خوديءَ وچان الڪا کي پنهنجن ٻنهي ٻانهن ۾ قابو ڪندي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو.

الڪا جڏهن ڪمار کي مٺيءَ جي چبوتري تي ويهاريو ته ڪمار جو چهرو روشنيءَ طرف هو. الڪا غور سان هن جي چهري طرف ڏٺو؛ هوءَ ڪلهي تي هٿ رکي پڇيائين، "بيمار هئا ڇا؟"

"توکي ڪنهن پڙهايو؟"

"ڪيترو نه ڪمزور ٿي ويا آهيو؟" الڪا جون اکيون پرجي آيون.

"صرف ٻه ڏينهن بيمار هوس؛ پر توکي اها خبر ڪيئن پيئي ته مان بيمار هوس ۽ تون ٽن ڏينهن کان چاچا چيتوءَ کي اسٽيشن تي ڇو موڪليندي هئينءَ..."

"منهنجو ڪوبه ڏوهه نه آهي. هن چانهه جو ڏوهه آهي"

الڪا پيالي ۾ چانهه پريندي ڪمار کي ڏيندي ۽ پاڻ پڪ پريندي چيو؛ "ٽيون ڏينهن چانهه ٺاهي جڏهن ڪوپ پريم ته ڏٺم ته پاڻمرادو ٻه ڪوپ ٺاهيا ۽ پريا اٿم. مونکي لڳو؛ توهين اچي رهيا آهيو. تڏهن ئي چاچا چيتوءَ کي اسٽيشن تي موڪليم."

ڪمار کي ائين لڳو ته سندس اکين ۾ آيل ڳوڙها هاڻ لڪري ڳلن تي وهڻ وارا آهن. پر پوءِ جيئن تيئن کلندي چيائين؛ "تو ۾ ۽ هڪ ڳوناٺي ڇوڪريءَ ۾ ڪو به فرق نه آهي."

"اصل ۾ مان ڇهن پنجن ڏينهن کان ڏاڍو ٻڇي رهي هئس."

ڇو؟

"مون هڪ سپنو ڏٺو هو. سپني ۾ توهان مونکي بيحد سڏ ڪري رهيا هئا. توهان سڏ ڪندا رهيا ۽ مان ٻڌندي رهيس. مان جتان به توهان وٽ اچڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوشش ڪرڻ لڳس ته منهنجي سامهون لوهه جو هڪ لوڙهو ٿي اچي ويو. شايد مون کي اسٽيشن جو خيال آيــو هو. توهان مولڪي اڳين ڀڪاري رهيا هئا جــڻ توهان کـــي منهنجي ڏاڍي ضرورت هئي. آواز پــڌري منهنجي لنڊ ڦٽي پيئي.

الڪا.

”صبح جو اٺندي ئي مولڪي خيال آيو تـ توهان وٽ دهليءَ هلي اچان. پـــر پوءِ سوچيم: توهان ناراض ٿيندا ...“

”الڪا: مـــولڪي سچ پچ تنهنجي ڏاڍي ضرورت هئي.“ ڪمار هٿن ۾ جهليل پيالو هيٺ رکي الڪا کي زور سان پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو.

منهنجي ڪهڙي ضرورت هئي توهاڪي؟

”هئي. بلڪل اهم هئي ... سور ٿي رهيو هو ... بخار به ٿيو هو ... الڪري ...“

ٻاهر ڪوئي آيو آهي.

چيتو چاچو هوندو.

ڪمار اٿي ٻاهر آيو. چيتوءَ سوٽ ڪيس زمين تي رکي ڇڏيو هئو. ڪمار ڪيس اهــو سندس ڪمري ۾ رکڻ لاءِ چيو. الڪا به ٻاهر اچي ڪمار کي چيو: ”هلو هلي رسوئي کائون.“

”الڪا، تون هاڻ هتيئي رهندي آهين يا جهونيءَ

جيڪي ٻ نه ويندي آهين؟"

"هتي رهندي آهيان، جهولي جيڪي ڇڏي ڏني اٿم"

"هتي ٻنا ٻجليءَ رات جو ڊپ ڪو نه ٿيندو اٿئي؟"

"ٻه دفعا ڏٺي هئس. ٻــر اهو اڪيلائپ ۽ اونده

سبب نه ٻر ڪي پوائنٽا سپنا آيا هئا."

"سپنا؟ ڪهڙا سپنا آيا هئا."

"هڪ ته توهانکي ٻڌايو اٿم... هڪ ٻيو به آيو هو.

مون سپني ۾ ڏٺو ته مان جلدي جلدي ڪمڊانهن وڃي رهي آهيان. ڪيڏانهن، اها به خبر ڪانه اٿم... اونداهي رات آهي ۽ مان ان رات ۾ هلندي ٻيٺي هلان. صرف ايترو سو معلوم هو ته اهي رستا ڪنهن شهر جا رستا آهن. اونده ۾ مونکي هڪ دري ڏسڻ ۾ آئي، مون اها کڙڪائي. هڪ دروازي کي به کڙڪايم... ٺڪ ٺڪ تي مونکي هيءَ سپنو سمجهه ۾ نه آيو... مون دروازو ڇو کڙڪايو، دروازو بند ڇو هو؟ مان ڪجهه به سمجهي نه سگهيس... ۽ ڪافي دير تائين ڊڄندي رهيس —"

الڪا سان ليٽيل ڪمار جو هٿ ڏڪڻ لڳو. هن جي وات مان نڪري ويو، "پو ڊيول"

الڪا ڪمار جي چهري طرف ڏسڻ لڳي. ڏسندي ڏسندي چيائينس؛ "مون سمجهيو هو ته توهان پوڊيول ڇوڙ پلجي ويا هوندا."

ڪمار شايد الڪا جي ڳالهه ڪانه ٻڌي. هن الڪا جو

هٿ پڪڙي ڪيس غاليچي تي وهاريو ۽ هنجي دل ۾ آيو ته ان ڏينهن ڪانتا سان گڏ گذريل رات؛ دريءَ تي الڪا جو ناچو؛ ٻاهران سنڌس هلڻ جي آهٽ؛ چوڙين جو آواز ... اهو سڀ الڪا کي ٻڌائي ڇڏي. پر ٻوءِ ڪمار پنهنجو ٻاٽڪي روڪي ئي ڇڏيو. اهو سڀ ٻڌائڻ بجاءِ هن کان پڇيائين؛ ”تو ان ڏينهن چوڙيون پاتيون هيون ؟ “

اهو سوال الڪا جي سمجھ ۾ نه آيو. پنهنجون ٻئي ٻانهون اڳيان وڌائيندي چيائين؛ ”ها؛ سون ان ڏينهن بلڪل نيون چوڙيون پاتيون هيون ... شايد هڪ ڏينهن اڳ۾.“

ڳالھ کي اندر ئي اندر دٻائڻ مشڪل هو. ڪمار جيئن تيئن ڪري اها ڳالھ دل جي دل ۾ سانڍڻ ٿئي چاهي. ڳالھ شايد هنجي چپن ۾ سمائجي نه ٿئي سگهي الڪري هن پنهنجا چپ الڪا جي چپن سان چنبڙائي ڇڏيا. چرڻ هو انهن چپن کي نه پر ان ڳالھ کي بند ڪري رهيو هو. ڏهليءَ ۾ رهندي ڪمار کي انئين لڳو هو ته هاڻ ڪيس جسماني ٿڪ ڪا نه ستائيندي. هن تجربو ڪري ڏٺو به هو. ڪانتا هنجي بستري ۾ ويٺي هئي پر ڪمار کي ڪنهن به ٿڪ ڪا نه ستايو. پر اڄ الڪا جي ساهن ڪمار جي جسم ۾ سمهيل ٿڪ نه معلوم ڪيئن جاڳرت ڪري ڇڏي ... ڪمار کي انئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لڳو ڇڻ هن جو الڪ پري رهيو آهي. ڪمار جهوپڙيءَ جو دروازو بند ڪري ڇڏيو. ڪنڊ ۾ جلندڙ لڪڙين ۾ هڪ ٻي ڪل لڪڙي وڌي ۽ جنهن وقت هن الڪا جي جسم تان ڪپڙا لاهي ڪيس پنهنجي جسم سان سٽيو تڏهن ڪيس ائين لڳو ڄڻ هنيءَ جهوپڙي ٻاهه جو هڪ تلاءُ آهي ۽ هو ان ۾ سنان ڪري رهيو آهي.

الڪا وٽان اٿندي ۽ ڪپڙا پائيندي هنکي لڳو ته ڪانتا واري ڳالهه جيڪا هن ڪيس نه ٻڌائڻ چاهي سا هن جي جسم جي رڳ رڳ الڪا کي ٻڌائي ڇڏي آهي.

پنهنجي ڪمري ۾ ويندي ڪمار سوچي رهيو هو سواءِ الڪا جي هن دنيا ۾ ڪهڙيءَ طرح ڪا به عورت ڪيس پنهنجي ٻنڌن ۾ ٻڌي نه سگهندي. هيءَ صرف الڪا هئي جنهن سندس ٻانهن کي، خيالن کي پنهنجي ٻڌن ۾ زور سان ڪڙي رکيو هو.

(٩)

ڪمار الڪا لاءِ هڪ ڳاڙهي رنگ جي نفيس سوٽي ساڙهي وٺي آيو هو. اڄ هو جيئن ئي سنان ڪري اها ٻڌي رهي هئي ته ڪيس ٽاڻيءَ جي گيت جو آلاپ ٻڌڻ ۾ آيو ... ڏکن جو بوجو تون مولکي ڏيئي ڇڏ

اي راهي؛ تون منهنجي اڳيان هل.

او منهنجا اجنبي راهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ناٿيءَ کي ان سڄي گيت مان صرف اهي سٽون ئي
ياد هيون ؛ هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ٻهڪ منهن مٿي سُرَ ۾
ڳائيندي هئي. اڪا ڪڏهن ڪڏهن ڪيس منٿ ڪري
اهو گيت ڳارائيندي هئي. ان ڪري ناٽي جڏهن ٻـــ
اڪا وٽ پڙهڻ ايندي هئي تـــه ٻريان ئـــي اهو گيت
ڳائيندي ايندي هئي.

اڪا جڏهن اهو گيت ٻڌو آهي، تڏهن ان گيت سان
ٻڌجي ويٺي آهي. نه معلوم هـــن واديءَ جي ڪهڙي
دل واري هن گيت جي ڪلپنا ڪئي هوندي! اڪا
سوچيندي هئي ... هولڻ ته سمورا گيت ڏکن جا ٻوجا
کڻي هلندا آهن. پر هيءُ گيت ڪهڙي قسم جو هو؟
هيءُ ٻين جي ڏکن جا بوجا پنهنجي سر تي کڻي هلي
ٿـــو ... هيءُ گيت ٻڌندي ئي اڪا کـــي محسوس
ٿيندو هو ته ٻهرين به هٿ کو ڪمار تي گذريو آهي
جيڪو ڪٿي به ڪنهن سان ٻڌجي نه سگهيو هو ؛ هن
واديءَ ۾ ڪا اڪا به پئدا ٿي آهي. جنهن ڪمار کي
چيو هو ته تنهنجي مٿي تي رکيل دکن جو بوجو هاڻ
مان کڻان ٿي ؛ تون هلڪو ٿـــي منهنجي اڳيان هلندو
هل ... جڏهن ناٽي جهوپڙيءَ وٽ اچي پهتي ته اڪا
چيس، ”ناٽي! تـــو هيءُ گيت اڄ ۾ ئي چـــو ڇڏي
ڏنو؟“ ؛ هٿ وارو قطوڙو طاق تي رکي ناٽيءَ سان
گڏ چبوتري تي ويهي رهي پوءِ هوءَ به ڳائڻ لڳي ...

هيءَ ته ڪلدر جي خصوص آهي؟
نهائڻ ۾ ڏوڙڻ مهل تنهنجو حسن تهائين وڌي ويندو
آهي. تڏهن مونکي توتي ڏاڍيو پيار ٿو اچي پيمي:
گهاگهر ڪڻڻ ويل تنهنجي چيلهه ۾ ست وڪڙ پئجي
ويندا. تون هيءَ ڏکن جو بوجو ڪيئن کڻي سگهندين؟
پوءِ پنهي گڏ جي چانهه پيتي. ناتيءَ کي پريرو ڇڏي
جڏهن الڪا واپس پئي آهي ته هن ڏٺو، ڪمار
ڏانهس ئي اچي رهيو آهي. هنجي هٿ ۾ تار هئي،
هن اها الڪا کي ڏيئي ڇڏي.
الڪا تار پڙهندي چيو: ”پتاجيءَ جي تار آهي.
مونکي گهرايو اٿائين. ۾ ماں ڪا نه وينديس. خط لکي
موڪليندس.“
ڪمار ڪوٺ جي کيسي مان هڪ ٻي تار ڪڍي
۽ الڪا کي ڏيندي چيائين: ”هيءَ تار به پتاجيءَ
موڪلي آهي، مونکي.“
الڪا تار پڙهي. پتاجيءَ ڪمار کي لکيو هو الڪا
کي موڪل: ضرور ۽ جلدي.
”منجهند جو گاڏي ويندي آهي؟“
”گاڏي روز ويندي آهي ... اڄ به ويندي ... سڀاڻي
به ويندي. آخر ملن اتي وڃي ڇا ڪنديس؟“
”شادي.“
”هڪ ئي شادي؟“

”نه ته ڪيترين؟“ ڪمار ڪلي ويٺو.

جو ڪڏهن منهنجي هڪ شاديءَ سان توهانکي تسلي نه ٿئي ته ٻوءِ ٻي به ڪنديس؛ ٽيين به ڪنديس... جيترين توهان چوندا اوترين ڪنديس.“

ڪمار ڪيتري دير تائين الڪا جي چهري طرف ڏسندو رهيو ۽ پوءِ کلندي چيائين: ”چڱو، ٻهرين هڪ ته ڪري ڏيکار.“

”ڏسڻ ايندا؟ ڏسڻ سان توهانکي چڱيءَ طرح تسلي ٿي ويندي.“

کهڙي تسلي.

”ته توهان مونکي ايترو ته ٻاڻ ڪان ٻري ڪري ڇڏيو جو اتان ڪمرا اها حد اورانگهي اچي نه سگهندو آهي.“

ها.

الڪا ڪي لڳو: صبح واڙو ڪيت؛ ڪيت نه پر ٻيشين گوئي هو. اڄ هن شخش جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ڏکن جو بوجو ڪٽڻ جو وقت اچي ويو آهي.

( ١٠ )

امرتسر پهچي جڏهن الڪا پنهنجي بنگلي ۾ داخل ٿي ته ساڳيءَ ڳاڙهيءَ ساڙهيءَ ۾ ئي هئي. رستي ۾ هن ڪپڙا به ڪو نه بدليا هئا، وار به ڪو نه سنواريا هئا. پر ٽڙيل پکڙيل وارن ۽ هن سونيءَ ساڙهيءَ سندس سونهن ۾ تهائين وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو هو. الڪا جي

پيشاني چمڪندي سندس پتاجي سوچيو: ڪٿي ڪيس سندس ئي نظر نه لڳي وڃي.

پتاجيءَ الڪا لاءِ جنهن شخص جي چونڊ ڪئي هئي اهو ان وقت بنگلي ۾ ئي موجود هو. ٽالڪي جو آواز ٻڌي هو به پتاجيءَ سان گڏ ٻاهر هليو آيو هو ۽ الڪا کي ڏسندو ئي رهجي ويو هو. پتاجيءَ الڪا سان ساڻس واقفيت ڪرائي: ’جڳديش چندر؛ مرچنٽ نيويءَ ۾ آهي.‘ ۽ الڪا کي ٻانهن کان پڪڙي چانهه پيئڻ لئي ڪمري ۾ وٺي ويو.

چانهه وقت جڳديش چندر پنهنجا مزيدار سفر ٻڌائيندو رهيو ۽ الڪا کان سندس پينٽنگس ۽ پهاڙي زندگيءَ جي باري ۾ پڇندو رهيو. الڪا به نهايت ادب ۽ ڍنگ سان ڪيس جواب ڏيندي رهي ۽ سندس سمنڊري سفر بابت پڻ پڇندي رهي.

شام جو پتاجي ڪنهن ڪم سان ٻاهر هليو ويو. الڪا سمجهي ويئي ته هو ڪيس جڳديش وٽ اڪيلو ڇڏڻ جي بهاني ئي هليو ويو آهي. هوءَ پنهنجي ڪمري واري دريءَ وٽ ائين جمي بيٺي ۽ سوچيندي رهي. ٿي بيهندي کي پل مس گذريا ته جڳديش دروازي وٽ اچي چيو، ”اندر اچي سگهان ٿو؟“

”اچو.“ الڪا دريءَ وٽان هٽندي ڪرسيءَ تي هٿ جو اشارو ڪندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"اڇا تائين سفر جو ٽڪ هوندو؟" ڪرسيءَ تي وهندي الڪا ڏانهن ڏسڻ لڳو.

الڪا جواب نه ڏيئي صرف مسڪرايو.

ڪي پل ٻئي چپ رهيا ... شانت کي نوڙيندي جڳديش چيو، "الڪا، مون ائين اعل ڪو نه سمجهيو هو ته منهنجو ٽو جهڙيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ سان واسطو پوندو."

"توهان ڇا سوچيو هو؟"

مون اهڙو خاص ڪجهه به نه سوچيو هو. ڪافي مائٽيون به آيون هيون پر...

پوءِ توهان الهن سان هيءَ جڳهه ڪيئن چوندي؟

"توهانجي پتاجيءَ ڪـــي ڪٿهن منهنجي باري ۾ ٻڌايو هو. هن مولسان ملڻ جو ارادو ڏيکاريو ۽ مان هت هليو آيس. منهنجي ماءُ جي به مرضي آهي ته جيڪڏهن هت ڳالهه پڪي ٿي وڃي ته تمام سٺو."

هوءَ مونکي سچا ٽيمندي آهي؟

نه پتاجيءَ کي سچاٽيندي آهي.

"ته. اهو فيصلو توهانجي ماتا جو آهي؛ توهانجو نه؟"

جڳديش ڪرسيءَ تي رکيل هٿ الڪا جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. هنجي هٿ ۾ هنجي دل جي ڌڙڪن چالو هئي. هو سوچي رهيو هو ته دل جي ڳالهه چوي ته ڪيئن چوي؟"

"سو توهان مولسان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الڪا هاڻ ٿي چمو.

" جيڪڏهن صرف منهنجي ئي مرضيءَ جو سوال آهي ته هاڻ ئي تيار آهيان ... "

" پر هاڻ هنوقت شادي ڪيئن ٿي سگهندي؟ " هوءَ ڪاوڙ لڳي.

جگديش کي هنجي ڪل ڏاڍي وڻي ... هو به ڪلڻ لڳو. چيائين: " شاديءَ واريون عدالتون رات جو به ڪليل هونڻ گهرجن. " ؛ پوءِ الڪا جي ڪلهي تي رکيل پنهنجو هٿ ذرا وڌيڪ دٻائي چيائين: " پر هيءَ ته منهنجي مرضيءَ واري ڳالهه آهي. تو اڃا تائين پنهنجي مرضي ڪا نه ٻڌائي؟ "

" منهنجي مرضيءَ جو ته توهان اڳ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ الڪا ڪلي وئي. "

جگديش تورو جهڪي الڪا جي ڳلن کي چهڻ چاهيو پر الڪا پنهنجو چهرو پري هٽائيندي چيو:

" نه، هاڻ نه. "

جگديش پنهنجو هٿ الڪا جي ڪلهي تان اهڙيءَ طرح هٽائي ڇڏيو ڄڻ هو پنهنجي صبر جو ثبوت ڏئي رهيو هو.

هاڻ پتاجيءَ کي تون ٻڌائيندينءَ يا مان ٻڌايانس.

جيئن توهانجي مرضي.

" مونکي موڪل تمام ٿوري آهي ... تون جهڪي

ڪجهه به خريد ڪرڻ چاهين موڪي جلدي ٻڌائجانءِ...“

”مونکي ڪا به شيءِ خريد ڪرڻي نه آهي. ٻيو عدالت وارا هڪ مهيني جي مهلت ڏيندا آهن.“

مهنجي ماءُ عدالتي شاديءَ مان خوش نه ٿيندي. اسين جهڙيءَ طرح شادي ڪريون ته، ڪهڙو هرج آهي؟

”ڪيترن ملڪن ۾ هڪ سال لاءِ به شادي ڪئي ويندي آهي؛ ٻن سالن لاءِ به؛ ضرورت هجي ته هڪ مهيني لاءِ به... ٻيو اسانجي ملڪ ۾ اهڙيون شاديون ڪو نه ٿينديون آهن. ان ڪري رسمي شاديءَ کان عدالتي شادي بهتر آهي.“

الڪا.

چئو،

”تون مون سان سڄيءَ عمر لاءِ شادي ڪرڻ نٿي چاهين؟“

”ڪجهه به چئي نٿي سگهان. گذري وڃي ته سڄي عمر گذري وڃي؛ نه ته هڪ مهينو به نه گذري... هڪ ڏينهن به نه گذري!“

جڳديش ٻڌڻ ته بلڪل حيران ٿي ويو ٻيو پوءِ کلندي چيائين: ”ڏسڻ سان تو لاءِ اهو اندازو بلڪل نٿو ٿئي ته ڪو تون ايتري ائڊوينچرس ڇوڪري هوندينءَ.“

”مان ائڊوينچرس بلڪل نه آهيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

”مون پنهنجيءَ ڇالدگيءَ بابت ائين سوچيو هو ته اهڙو شرط جي رکندس ته ماڻ ئي رکندس ... اسان نيوي آفيسرن جي زندگي ڏاڍي عجيب ٿيندي آهي. روز روز نون ماڻهن سان ملڻ اٽڪندو آهي. تنهنڪري اسانکي سڄيءَ عمر جو پنڌن سنو نه لڳندو آهي ... پر لڳي ائين ٿو ته مون کان وڌيڪ ائڊوينچرس تون آهين.“

”نه. مان بلڪل ائڊوينچرس نه آهيان. صرف ايترو آهي زندگي ڏاڍي عجيب چيز آهي ... صرف نيوي آفيسرن جي نه پر هرڪنهن جي زندگي عجيب ٿيندي آهي.“ ”تون ائين ٿي سمجهين ته شايد تون ڪنهن سان محبت ڪرڻ لڳين ...“

”ڪرڻ لڳين نه پر ڪندي آهيان.“

جگديش نهايت عجب مان الڪا جي چهري طرف نهارڻ لڳو هو اجا تائين بيٺو ئي هو ۽ هاڻ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ الڪا کان پڇيائين،

” تون ان سان شادي ڇو نٿي ڪرين؟“

”هو مون سان شادي ڪرڻ نٿو چاهي.“

جگديش ڪا گهڙي خاموش رهڻ بعد چيو، ” هاڻ جڏهن تون ڪنواري آهين ته هو شادي نٿو ڪرڻ چاهي ۽ جڏهن تون شادي ڪندينءَ ته هو ائين ئي چاهيندو ته تون طلاق وٺي به ساڻس شادي ڪر.“

” شايد ...“


Scanned with CamScanner

جڳديش اٿيو. الڪا جا هٿ ڀڪُڙيندي چيائين.

”مان توکي ايترو ته دور وٺي ويندس جو توکي هنجي ڪا به خبر ڪا نه ملندي ...“

”مان جتي به هونديس، هنجي خبر ملندي رهندي“ جڳديش الڪا جـو هٿ ڇڏي ڏنو. ”منهنجو خيال آهي ته توکي شادي نه ڪرڻ گهرجي.“

منهنجو به اهو ئي خيال آهي.

مونکي عجب ته اهو آهي ته تون راضي ڇو ٿيءَ؟

مون هن سان واعدو ڪيو آهي ته شادي ڪنديس.

ان جو مطلب اهو ٿيو ته هن واعدو به زبـردستي ورتو آهي؟

” ها.“

” هنجو اهوئي خيال هوندو ته تنهنجي شادي ٿي وڃي ته تون از خود ڪانئس دور ٿي وينديءَ؟“

ها.

”هن ٺيڪ ئي سوچيو آهي.“ جڳديش پيار وچان الڪا جو هٿ ڀڪُڙيو ۽ چيائين؛ ” تنهنجو هن سان ڪهڙو ؟ ڪيترو به سنبنڌ ڇو ڪين رهيو هجي؛ مون کي انجي ڪا به پرواه نه آهي ... وق پر وق اهائي حد هوندي ته توهان ٻنهي جو جسماني سنبنڌ بـ هوندو ... اها ڪا خاص ڳالهه نه آهي. الڪين تـ منهنجي زندگيءَ ۾ بـ ڪيترين ئي ڇوڪرين آيون آهن ... شاديءَ کان اڳ

ون ڳالهيون لِکي ۽ آخر نه گهرجن ... مونکي ته صرف
تر و ٻڌاءِ، تون ڇا شاديءَ کان پوءِ به هن سان لکي
ڇي ملندي رهندينءَ ؟"

نه.

- ڪيس خط لکندينءَ ؟

نه.

جگديش ڪرسيءَ تان اٿي بيحد پيار وچان الڪا جي
ٺيءَ تي هٿ رکيو ۽ چيو: "دين اٽ از نٿنگ."
پر هڪ ڳالهه آهي.

ڇئو ؟

" مونکي جيڪڏهن ڪنهن وقت به چاڻ پيئي ته
هن پنهنجو خيال بدلائي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس منهنجي
ضرورت آهي ته مان توهان کان طلاق وٺي هن ڏانهن
هلي وينديس."

" ٺيڪ آهي: مونکي هيءَ شرط منظور آهي."
جگديش ڪليو پوءِ الڪا جي ڳهاٽن واري مان هڪ ننڍڙي
چيچ کي پنهنجيءَ آڱر تي ويڙهيندي چيائين: " مان
خوش آهيان تہ تو اهڙي دليريءَ سان صاف ڳالهيون
ڪيون آهن. تو جهڙي ڇوڪري ڪڏهن به ڪوڙ نه
ڳالهائي سگهندي."

مان ڪڏهن به ڪوڙ ڳالهائي نه سگهنديس.

جگديش جهڪي الڪا جي ڇپن کي چمي ڇاهيو پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

الڪا ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ڪندي چيو: ”نه؛ هاڻ نه. شاديءَ ڪانپوءِ.“

صبح جو عدالت ۾ لکي ڏيئي اچون؟

ڏيئي اچجو.

هڪ مهينو انتظار ڪرڻو پوندو؟

توهانجيءَ موڪل جو ڇا ٿيندو؟

مان وڌيڪ موڪل وٺندس.“

جڳديش جڏهن الڪا جي ڪمري مان وڃڻ لڳو ته الڪا يڪدم دروازي وٽ اچي ڪانئس پڇيو: ”هڪ آخرين خط لکڻ جي اجـــازت گهرجي... ڪيس صرف اينترو ئي لکنديس تـــه اڄ کان هڪ مهينو پوءِ منهنجي شادي ٿي ويندي.“

جڳديش کليـــو ۽ ڪمري مـــان ويندي چيائين: ”بيشڪ لکيس.“

رات جي وقت جڏهن الڪا ڪمار کي خط لکڻ ويٺي ته ڪيس سمجهه ۾ نه آيو ته هوءَ ڪنهن کي خط لکي؟ هٿ ۾ قلم کڻي جڏهن هن ڪاغذ طرف ڏٺو ته ڪيس ائين لڳو ڄڻ هوءَ ڪنهن پٿر کي خط لکڻ ويٺي آهي.

(١١)

چيتو چاچا کي ڪافي ڏينهن ٿي ويا هئا... سندس گهر ۾ ۽ ڪمار کي هنجو ڏاڍو انتظار هو. ڪمار هر روز هنجي وات نهاريندو هو تـــه هو اچي جيئن ڪيس چاڻ

پوري ته الڪا شاديءَ لاءِ رضامند ٿي يا نه؟“

”بابوجي، بابوجي، چيتو چاچا اچي ويو.“ هڪ ڏينهن هريي ٻاهران ئي ڇلائيندي چيو: ”بابوجي، هنجي هٿ ۾ وڏي پيتي به آهي.“

ڪمار گهٻرائجي ويو. ڪيس خبر هئي ته هو بلڪل خالي هٿين ويو هو. شايد الڪا به واپس آئي آهي. هنجي سڄي بدن مان جڻ بجلي گهمي ويئي. ڪمري جي ٻاهر اچي سامهون واري پيچري تائين ويجي الڪا کي ڏسڻ لاءِ هن جا پير اڳتي وڌيا پر پٺي کان ڪن ۾ ئي هن ٻالڪ کي سنڀالي ورتو ۽ خود ئي پنهنجن پيرن ۾ زنجيرون وجهي ڇڏيائين.

”مون کي به ان ڳالهه جو ئي ڊپ هو ...“ ڪمار دل ۾ چيو. ڪيس الڪا تي غصو اچي رهيو هو. هن سوچيو: ”الڪا پنهنجي پيءُ اڳيان به پنهنجي من ماني ڪئي آهي، اچي ته چوانس ٿو: هلي وڃ. هتان به هلي وڃ. آخر مونکي به ته آرام سان جيئڻ ڏي.“!

”نمستي بابوجي.“ چيتو چاچا دروازي جي ٻاهران ئي سموزو سامان لاهيندي چيو.

ڪمار هڪوار چيتوءَ طرف ڏٺو ۽ هڪوار خالي پيچري طرف. پر ڪجهه به نه هو! ڪانئس پڇيائين: ”ڪيئن چاچا، خوش ته آهيو نه؟“

”تمام خوش، بابوجي.“ چيتوءَ جهڪي ڪمار جا پير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهيائين. "اتي ڏاڍو مزو هو باٻوجي. شهر؛ شهر آهي؛ وڏا وڏا مڪان؛ ڪائڻ لاءِ سڀ ڪجهه ..."

هي سامان ڪنهن جو آهي؟.

"چا پڏايان باٻوجي؛ هي سڀ الڪا ئي ڏنيون آهن."
الڪا جو نالو ٻڌڻ لاءِ هنجا ڪن اتاولا هئا. چيائينس؛
"نيڪ ته هئي نه؟"

توهانجي لاءِ هڪ ڪاغذ ڏنو اٿائين.

چڱو چڱو تون هاڻ گهر وڃ. ڪيترن ڏينهن کان تنهنجي گهر وارا توکي سنڀالي رهيا آهن. ڪمار لفافو وٺي چيس.

چيتوءَ جي وڃڻ بعد ڪمار لفافو کوليو ...

'توهان منهنجا گهڻائي نالا رکيا هئا. مولڪي؛ خود به ٻنهنجا نوان نوان نـالا رکڻ جي عادت ٿي ويئي هئي. اڄ مهيني جي اٺين تاريخ آهي. ٻئي مهيني جـي هن تاريخ تي ئي مان ٻنهنجو هڪ ٻيو نالو رکنديس؛ مسز جگديش چندر. هيءَ خبر سيني کي ٻڌائي ڇڏجو. رستن کي؛ ٻچرن کي؛ ٻهاڙن کي به' خط پڙهي پهريون ئي دفعو ڪمار کي محسوس ٿيو ته اڄ هن جو روڊن هن جو سينو چيري ٻاهر هليو ايندو.

( ١٢ )

جگديش ٻنهنجي ڳوٺ؛ ٻنهنجي ماءُ وٽ هليو ويو. پورا ٢٠ ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ؛ ڪجهه چيزون خريد ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لهه هو امرتسر هليو آيو. رات جو الڪا جو پتا ڪيس هٿان وٽ وٺي آيو. الڪا ٻه ٻيحد سڪ ۽ عزت سان هن سان ملي، جڳديش ڏٺو ته الڪا بدن ۾ ڪجهه لهڪار جي رهيل آهي.

اڌ رات جو وقت هوندو ... جڳديش کي ننڊ ۾ ٿي ائين لڳو ڄڻ هو ڪنهن پهاڙي رستي تي بيٺو آهي ۽ سامهون واري بلند پهاڙ تان برف ڪي ڪرندو ڏسي رهيو آهي. ۽ پرسان ئي پر واري پهاڙيءَ تان ڪنهن پهاڙي ڇوڪريءَ جو گيت پڙاڏي ۾ اچي رهيو آهي ...

ڏکن وارو بوجو تون منهنجي مٿي تي رکي ڇڏ
يا تون اڳيان وڃي هل منهنجا اجنبي راهي
او منهنجا اجنبي راهي.

آواز ٻيحد دلسوز هو. جڳديش نيم بيداريءَ جي حالت ۾ هو ڪيس ڪيتري دير اها به ڄاڻ نه هئي ته هو ڪنهن پهاڙ تي نه پر امرتسر جي هڪ ڪمري ۾ سُتل آهي.

هڪ دفعو گيت جا ٻول ٽاپرجي ويا ڄڻ ڳائڻ واريءَ جو آواز ڳوڙهن سان پرجي ويو هو. جڳديش اٿي ويٺو ... آواز ٻاهران باغيچي مان اچي رهيو هو. باغيچي ۾ رات واري اونده ڳهري ڪا نه هئي. ڪافي دير تائين هو دريءَ مان ٻاهر باغيچي طرف ڏسندو رهيو پر جنهن طرف کان آواز پئي آيو اتي هڪ وڏي وڻ جي گهاٽي

چايا هئي.

جڳديش باغيچي طرف هليو آيو. ٻاڇي کي سڏائين:

”الڪا!“

الڪا خاموش هئي ۽ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي بيٺي هئي.

”تون ڏاڍي اداس آهين نه؟“

الڪا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

”مونکي ائين ٿيو لڳي ڄڻ تنهنجي اداسيءَ جو ڪارڻ مان ئي آهيان.“

”نه: تو هان ڏ..!“

پر منهنجي ڪارڻ تنهنجي مجبوري تهائين وڌي ويئي آهي.

اڃا به وڌيڪ وڌي ويندي

”پر الڪا...“

ڇو!

هيءَ ڪهڙي شادي آهي؟

مونکي ڪهڙي خبر!

”مان ڪيترا دفعا سوچڻ لڳندو آهيان بازار ويندو آهيان خريدي به ڪندو آهيان پر منهنجي دل ۾ خوشي ٿالي جي ڪا به چيز نه آهي: الڪا!“

الڪا کي منهنجو پاڻ تي ڪڏهن به رحم ڪونه آيو هو پر اڄ جڳديش جي هن حالت تي کيس رحم اچي ويو. هن اڳتي وڌي جڳديش جو هٿ پڪڙي ورتو،

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

”توهان هروڀرو چو ٿا پريشان ٿيو. انڪار ڪري ڇڏيو هن شاديءَ کان.“

هڪ رات مون خود به ائين ئي سوچيو هو. توکي هڪ خط به لکيو هوم پر صبح جو ئي ويچارن ۾ پئجي ويس ۽ اهو خط ڦاڙي ڇڏيم.

”اڄ ائين ئي سمجهو ته مونکي اهو خط مليو ويو آهي.“

تنهنجو پتاجي ڇا چوندو؟ سوچيندو، هيءَ ڪهڙو ماڻهو آهي؟ باقي ڏهه ڏينهن ته آهن شاديءَ ۾!

پتاجيءَ کي مان پاڻهي سمجهائيندس.

”پر اڪا، هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي جيڪو توجهڙيءَ ڇوڪريءَ کي پيار نٿو ڪري سگهي... آءٌ ڇا ڪيس وساري نٿي سگهان...؟ منهنجو ته اهوئي خيال آهي ته سمي پائي تون ڪيس پلجي ويندينءَ.“

اڪا پهرين ڳالهه جو ڪو به جواب نه ڏيئي صرف آخرين ڳالهه جو جواب ڏنو، ”ڪهڙي خبر ته اهو سمو زندگيءَ جيترو لنبو بڻجي وڃي. توهان ڪيستائين ان سمي جي قيمت چڪائيندا رهندا؟“

مونکي اداس رهڻ جي بلڪل عادت نه آهي، پر مان ڪيترن ڏينهن کان اداس آهيان،

انڪريئي ته مان چوانٿي ته توهان ان جي قيمت چو ٿا چڪايو؟

مان خ.د به اهوئي ٿو سوچيان ته مان هي ڇا ڪري

رهيو آهيان؛ تو مونکي ڀرڻ ڏيکهن ٿي سڀ ڪجهه ڀتائي ڇڏيو هو پر ان ڏينهن مون کي الاجي ڇا ٿي ويو هو.

مان به اهو ئي ٿي سوچيان ته توهان آخر ڇو ٿي شادي ڪرڻ ٿا چاهيو؟

”تون مونکي بيحد خوبصورت لڳين ٿي هئين. پر اڄ مان سوچيان ٿو ته آخر تنهنجي خوبصورتيءَ کي ڇا ڪندس؟“ جڳديش جون اوڻ ۾ پڙڪندڙ اکين الڪا جي ڇهري کي ڳولڻ شروع ڪيو...

توهان بلڪل ٺيڪ سوچي رهيا آهيو.

منهنجو خيال آهي ته باقي مونکي ڪئنسل ڪرائي ڪر تي هليو وڃان پر منهنجي وڃڻ بعد تون ڇا سوچيندين؟

اهوئي سوچيندس ته تمام سٺا هئا ..... خير؛ هاڻ وڌيڪ ويچار نه ڪريو اجايو توهانجي ننڊ خراب ٿي. الڪا جڳديش کي گڏ وٺي ڪيس سندس ڪمري ۾ ڇڏي پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

صبح جو چانهه ڏيڻ وقت جڏهن الڪا جڳديش جي ڪمري ۾ چانهه رکي واپس وڃي رهي هئي ته جڳديش سڏ ڪري هاڻ وٽ گهرايس.

الڪا پلنگ وٽ اچي بيٺي. جڳديش پلنگ تان اٿي هڪ سگريٽ دکايو ۽ چيائين؛ سڄي رات ننڊ نه آئي

آهي: الڪا!
توهان ايترو چو تا سوچيو؟ جڏهن واپس ڪم تي
وينداءَ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.
ان ڏينهن تو طلاق جي ڳالهه ڪئي هئي نه؟
چڱو ٿي ٿيو جو انهي ضرورت ڪا نه پيئي.
طلاق شاديءَ ڪانپوءِ ٿيندي آهي. هر مون کي ائين
پيو محسوس ٿئي ڇو ته شاديءَ کان اڳ ـــ ئي طلاق ٿي
وئي آهي
الڪا کي خبر هئي ته ماڻهو پنهنجي دل جي درد کي
ڪيئن برداشت ڪندو آهي. جگديش جي واتان اهڙي
جذباتي ڳالهه ٻڌي هوءَ ڏکي ويئي ته ـــ متان هن راهه
وينڌڙ شخص کي هن درد جي لهس نه اچي وڃي.
مان ڪڏهن به اهڙيون جذباتي ڳالهيون نـــ ڪندو
آهيان ... پر تون به ٺيڪ ٿي ڇو نه واپس ڪم تي هليو
ويندس ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندس.
الڪا وچڙ لڳي ته جگديش ڪيئن ورئي؟ پر ڪهڙي
چيو: "تون منهنجي دل جي حالت کي سمجهين ٿي؟"
ها.
"مان تنهنجي چهري طرف ڏسان ٿو ته اهي پئي نٿا
هڪ پيو چهرو نظر اچي ٿو. تون جنهن سان محبت
ڪرين ٿي مون کي ان جو چهرو به نظر اچي ٿو ۽ شايد
مان جڏهن به تو طرف ڏسندس؛ ائين ئي ڏسڻ ۾ ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

الڪا: الڪري. اسان ڪي ٻاڻ ۾ شادي نہ ڪرڻ گهرجي.
ڪيئن، نہ ڪرڻ گهرجي نہ؟"...
ها: نہ ڪرڻ گهرجي.
"مان وڃانٿو - پتاجيءَ کي ڪجهہ بہ نہ چوندس.
تون ڀُود ئي چڻجالس."
چڱو.
لڪا جڏهن ٻنهجي ڪمري ۾ واپس موٽي تہ، سنديس چانهہ ٿڌي ٿي چڪي هئي. هن چانهہ جو هڪ ڍڪ گرم پيالو تـاهيو ۽ جنهن وقت دريءَ وٽ ويهي چانهہ پي رهي هئي انوقت جگديش ڦاٽڪ پـار ڪري رهيو هو. الڪا ڪافي دير تائين جگديش جـي پٺيءَ طرف ڏسندي رهي ۽ جڏهن هو نظرن کان اوجهل ٿي ويو تہ هوءَ سندس پٺيءَ جي باري ۾ سوچيندي رهي... ڪيس لڳو، هوءَ جڻ سندس پٺيءَ کـان معافي وٺـي رهي هئي.

(١٤)

ڪمار جـي ڪمري ۾ لٽڪيل ڪئلينڊر ڪيترن ڏينهن کان ڪمار طرف ڏسـي رهيو هو ۽ ڪلئينڊر طرف ڏسندي ڪمار بہ ائين ئي سوچي رهيو هو تـہ اينڊڙ ائين تاريخ ايترو جلدي ڇو ٿي اچي. هنجي دل چاهيو هو ان تاريخ جو رستو روڪي بيهي رهي يـا ڪنهن وقت سوچيندو هو تہ اها تاريخ ايترو دير سان ڇو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اچي. هنجي دل چاهيندي هئي ته جلدي اچي ۽ اچي
هلي وڃي،
اڄ هو پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري بازار ۾ هليو
آيو. چندراوتيءَ کي عمر جي لحاظ کان اڄ چٽي سڪيجي
ٿو. ٻر هنجي ڪا به ادا اڄ ڪا نه هئي. ڪمار جڏهن
شراب پيئڻ کان انڪار ڪيو ته چندرا مسڪرائي شراب
هٽائي ڇڏيو ۽ ٻئي گلاس ۾ تازن ڦلن جو رس ڪڍي
آئي ۽ اهو گلاس ڪيس ڏيندي سندس پيرن مان بوٽ
لاهي جوراب لاهڻ لڳي...
چندرا جي ٿڌين ٿڌين آڱرين جڏهن ڪمار جي جسم
کي ڇهيو ته ڪمار کي لڳو ڄڻ ڪيس ننڊ اچي رهي
آهي.
ڪمار پلنگ تي ليٽندي چندرا کي چيو، ”اڄ
جيڪڏهن تنهنجي شادي ٿيڻي هجي ته جيڪر ڪهڙا
ڪپڙا پائين؟“
ڪمار چندرا کي اهڙا ئي ڪپڙا ۽ چانديءَ جا سمورا
زيور جهڙي ان ڏينهن تي پاتا ويندا آهن ۽ پهرڻ
لاءِ چيو.
چندرا ڪجهه چيو ڪو نه پر واري ڪمري ۾ وڃي
اهي ڪپڙا ۽ زيور پائي اچي ڪمار جي سامهون بيٺي.
زيورن جي آواز تي ڪمار جي ننڊ ٽٽي پئي. هن ڏٺو
چندرا سندس سامهون ڪنوار جي روپ ۾ اڳمن اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. دل جي ڳالهين ۾ نه معلوم ڪهڙا طوفان اچي ويا: انهن طوفانن ۾ هڪ بجلي پيدا ٿي. محبت ۽ نفرت جي تارن ملي ڪري ان بجليءَ کي جاڳايو ۽ ان بجليءَ جي روشنيءَ ۾ ڪمار کي ائين لڳو، الڪا هن وقت ٿي بيٺي آهي. الڪا هنجي اندر به هئي ۽ هنجي ٻاهر به هئي. ڪمار روپين سان چندرا جو ٻڪ ڀري ڇڏيو ... روپيه چندرا کان سنديس اڄوڪي بهروپ لاءِ معافي گهري رهيا هئا

ڪمار اها بازار پار ڪري بس وٽ هليو آيو ۽ پيروالا طرف ويندڙ واريءَ بس ۾ اچي ويٺو.

جنهن وقت بس پيروالا پهتي؛ انوقت شام جي اونده ڪافي ڦهلجي چڪي هئي. ڪمار جلدي جلدي قدم کڻندو جهوپڙين طرف هليو آيو. الڪا واريءَ جهوپڙيءَ ۾ وڃي هن ڏيئا ٻاريا. جهوپڙيءَ جي ديوار جڳمڳائي اٿي. مٽيءَ جي چبوتري تي پشم جو غاليچو وڇايل هو. ڪمار جڏهن ان غاليچي تي وڃي ويٺو ته کيس ائين لڳو ڄڻ اڄ هنجي شاديءَ جي پهرين رات هئي ... ۽ پوءِ ڪمار ان ديوار طرف ڏٺو جتي الڪا پاڻيءَ جون لهرون ٺاهي، پاڻيءَ ۾ هڪ لڪير ڇڪي هئي. ڪمار سوچيو ... هو رنگ ۽ برش کڻي اها چٽيل لڪير مٽائي ڇڏيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

( ١۴ )

الڪا پنھنجي بنگلي جي باغيچي ۾ ھڪ وڻ وٽ
وڏو پٿر رکي ڇڏيو ھو. شام جي وقت چانھ جا پيالا ان
پٿر تي رکي پنھنجي پتا کي سڏ ڪندي ھئي. پتاجي
روز جي نيم مطابق ڇھين بجي چانھ پيئندو ھو ۽ پوءِ
ٻاھر سير ڪرڻ ھليو ويندو ھو. الڪا ھنجي واپس اچڻ
تائين اتيئي باغيچي ۾ ويٺي ھوندي ھئي.
اج پتاجيءَ کي ويئي کي پل مس گذريا ته جڳديش
بنگلي جــي وڏي دروازي مان آھستي آھستي ھلندو
الڪا وٽ ھليو آيو. الڪا انوقت چانھ جــا پيالا کڻي
رھي ھئي.
” تون؟ “
” ھا. مان چڱيءَ دير کان سامھون واري ڪنڊ ۾
لڪو ويٺو ھوس؛ انتظار پئي ڪيم ته جيئن ئي پتاجي
ٻاھر وڃي ته تو وٽ ھليو اچان. “
” پتاجيءَ توھانکي ڪڏھن روڪيو ته نه آھي؟ “
” پر مون توسان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ٿي چاھيو. “
” وھو. “
” وھڻ جــو حق مون وڃائي ڇڏيو آھي پــر اج
اھوئي حق واپس گھرڻ آيو آھيان. “
” توھان اڃا تائين ڪم تي نہ ويا آھيو؛ اج پندرھين
تاريخ به ٿي وبئي آھي؟ “


Scanned with CamScanner

”واپس وڃڻ چاهيم پر وڃي نه سگهيس.“
”ڇو؟“
”مان ان ڏينهن جڏهن اونداهيءَ ۾ ٿي هليو ويو هوس..“
”مون توهانکي ويندو ڏٺو هو.“
”تو ڇا سوچيو هو منهنجي باري ۾؟“
الڪا کلي وينئي، ”جيستائين توهانجي پٺ نظر ايندي رهي اوستائين مان الڪان معافي گهرندي رهيس.“
”معافي ته انکي گهرڻ گهرجي جيڪو پٺ ڏيکاري وڃي.“
”توهان ڪنهڪي به پٺ ڏيکاري وڃڻ وارا نه آهيو. مون ئي توهانکي مجبور ڪيو هو. انکري ئي معافي گهري هئم.“
جگديش هڪ اونهو ساه کنيو ۽ الڪا طرف ڏسندي چيائين؛ ”ڪير به نه تو وانگر سوچي سگهندو ۽ نه ئي ڳالهائي سگهندو... هاڻ تو سمجهيو هوندو ته مان وڃي به ڇو نه وڃي سگهيس...... سوچيو هوم، خوبصورتي به ملندي، جواني به ملندي... پر هيءَ جيڪو مون تو ۾ ڏٺو آهي سو ڪنهن ۾ به ڪو نه ملندو.“
الڪا ڪجهه به نه ڇيو. صرف ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.
”الڪا؛ هيءَ جيڪا اٺمن تاريخ گذري ويئي آهي سا مونکي موٽائي ڏي.“

"اها تاريخ وري به اچي سگهنديون پر..."

"هاڻ منهنجي دل ۾ ڪا به پر ڪا نه رهي آهي ۽ نه ئي تنهنجي دل ۾ رهندي."

"ڇو؟"

"ڇو ته هاڻ انجو ڪو به ڪارڻ نه آهي."

"ڪارڻ جيئن جو تيئن ساڳيو آهي."

"نه الڪا: هاڻ اهو ڪارڻ نه رهيو آهي. مان توکي پنهنجي هڪ ڳوري پڌائيندس."

الڪا عجب مان ڏانهس ڏٺو.

"هونئن ته مان توکان به پڇي نٿي سگهيس پر تڏهن به ڪونه پڇيم: خود ئي سوچيندو رهيس ته آخر هو ڪهڙو شخص آهي جنهن سان تو ايڏي محبت ڪئي آهي"

"توهان پڇو ها ته ضرور ٻڌايانو هان."

"مان خود ئي سوچيندو رهيس ۽ جيڪي ڪجهه به سوچيم سو بلڪل ٺيڪ نڪتو."

"هنجو نالو ڪمار آهي."

"مونکي خبر آهي."

"پر صرف نالي جاڻڻ سان ڪارڻ ڪيئن ختم ٿي ويو؟"

"مان هن وقت ويو هوس ٻهاڙيءَ تي."

"پوءِ؟"

"مون جنهن وقت ڪمس ڏٺو، هو بيهوش هو. انڪري مان نٿو ڇئي سگهان ته هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو

آهي ... ضرور سنو ئي هوندو ... پر ... "
" ڇا هو بيمار هو؟"
" ها. منهنجي خيال ۾ هو هن وقت زنده به نه هوندو. ڊاڪٽر ڇيو هو ته مشڪل سان هڪ ٻه راتيون ڪيندو. هيءَ ڪالهه صبح جي ڳالهه آهي."
الڪا پٽر وانگر پٿر تي ويهي رهي.
" الڪا، تون ائين نه سوچجانءِ ته مان هن جي موت مان خوش آهيان. مون ته هيڪاري هڪ دوا جيڪا ڊاڪٽر لکي ڏني ۽ اتي نه ملي، پنڪوٽ مان وٺي موڪلي ڏني ...... مون ائين اصل نه ٿي چاهيو آهي ته هو زنده نه رهي."
" هنکي ڪهڙي تڪليف هئي؟ ڇاتيءَ ۾ سور هئس نه؟" الڪا پٿر تان ائين اٿي بيٺي ڄڻ هينئر ڪمار وٽ هلي ويندي ۽ وڃي کيس موت جي منهن مان بچائيندي.
" ها، ڇاتيءَ ۾ ئي سور هئس. مونکي ڇيتوءَ ٻڌايو ته ڪمار کي اهڙو سور اڳ ۾ به ڪئين دفعا ٿيو آهي. پر هن دفعي بخار به ٿيو ... بخار وڌندو ويو ؛ وڌندو ويو ... هو شايد هڪ رات جهوپڙيءَ ۾ ان جي ديوار تي ڪا تصوير ڏاهي رهيو هو. جهوپڙيءَ ۾ هڪ ديوار تي ڏيئي جا ڪهڻائي طاق ٺهيل هئا. هو سڄي رات ڏيئا ٻاري تصوير ٺاهيندو رهيو. سرديءَ ۾ ان رات ئي کيس

تڏ لڳي ويئي، "

" ڇيتو چاچا مونکي اطلاع به نه ڏنو. "

" ڇيتوءَ جو ڪو به ڏوهه نه آهي. هو توکي اطلاع ڏيڻ لاءِ اچي رهيو هو پر ڪمار اچڻ نه ڏنس. "

" تو هان ئي مونکي ٻڌائي ڇو ها. "

" هيءَ ڳالهه منهنجي وچڙ کان اڳ جي آهـــي الڪا. مونکي به ڇيتوءَ ئي سڀڪجهه ٻڌايو هو. "

" پر ...... "

" منهنجو خيال آهي تـــ هنجي دماغي حالت ٺيڪ نه هئي، مون کان وڌيڪ خبر توکي هوندي ... هو شايد شروعات کان ئي ائين هو ... "

" ڪيئن هو؟ "

" ڇيتوءَ ٻڌايو ته ڪمار کي اها به سڌ نه آهي ته تون ڪو امرتسر ويٺي آهين. "

" ڇا؟ "

" هو سمجهندو هوسته تون اڃا تائين جهوپڙيءَ ۾ رهندي آهين ... تون اتي جهوپڙيءَ ۾ رهندي هئينءَ نه؟ ... مون اهي جهوپڙيون به ڏٺيون ... "

الڪا جڳديش جي چهري طرف نهاريندي رهي.

" الڪا مان ٺيڪ ٿي چڪي رهيو آهيان. هو جيڪڏهن زنده بـــ رهيو ۽ ڪنهن طرح بچي به ويو تـــ جيڪي ڪجهه مـان ٻڌي آيو آهيان؛ انمان مونکي اهو انديشو

بلڪل نہ آهي تہ هو ڪو اسان جي زندگيءَ ۾ دخل
بہ ڏيئي سگهندو. "

" هو بچي ويندو؟ "

" بچڻ جي ڳالهہ تہ مون ائين ئي ڇڏي آهي. مون
کي ڊاڪٽر پاڻ ٻڌايو تہ هو ڪنهن حالت ۾ بہ بچي نہ
سگهندو ...... پر الڪا، تون ائين نہ سوچجانءِ تہ ڪو
مان هن جي موت مان خوش آهيان. مان تہ اڃا بہ
چاهيان ٿو تہ هو بچي پوي. پر جنهن شخص جي
دماغي حالت ٺيڪ نہ هجي اهو زنده رهي بہ ڇا
ڪندو؟ ... هو آرٽسٽ ڏاڍو سٺو هو ... مون هنجون
تصويرون بہ ڏٺيون آهن ... "

" ... دماغي حالت ... "

" هن تي شايد ڪنهن جن يا ڀوت جو اثر آهي.
هيءُ منهنجو خيال نہ پر چيتوءَ جو چوڻ آهي. چيتوءَ
مون کي ٻڌايو تہ ڪمار اڪيلي ۾ ويٺي ويٺي ڪنهن
سان ڳالهائيندو هو ۽ هر ڪنهن کي سڏ ڪري پڇندو
هو تہ سامهون واري پلنگ تي ڪيس ڇنڙي ويٺل نظر
اچيتي يا نہ؟ هو هر ڪنهن کان ائين پيو پڇندو هو
تہ ڇنڙيءَ جا پير ابتا ٿيندا آهن يا سبتا. يا ننڊ ۾
ٻڙ ٻڙائيندو هو تہ پاڻيءَ ۾ لڪير نٿي پئجي سگهي پر
لڪير جو ڀرم ٿيندو آهي ... الڪا، هيءُ سڀ شايد
بخار ۽ بيهوشيءَ سبب ٿيندو هوندو. "

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

الڪا منهن ڦيري ڇڏيو. هوءَ پتر تي پنهنجو پالڪي سنڀالي ويٺي هئي. اڪيلي مان آلسن جون پولڊون ڪري اچي جڏهن پتر مٿان پيٺون ته پتر ڪي لڳو ته هو هنن آلسن جو تاب نه سهي پگهرجي پوندو.

” الڪا، “ جگديش الڪا جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

” جي. “

” مونکي خبر هئي ته توکي هيءُ سڀ پڌي تڪليف ڏيندي. آخر تو هن سان ڪڏهن بي پناهه محبت ڪئي هئي. پر هاڻ نه نه ئي تنهنجي وس جي ڳالهه آهي ۽ نه ئي منهنجي وس جي. الا جي هنجي کهڙي قسمت هئي جو هو توکي محبت نه ڪري سگهيو، نه معلوم هن جي دل ۾ ڪهڙي ڳالهه هئي ... خير هاڻ ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو ... “

الڪا ڪان ڪجهه چيو نه ويو. هن صرف انڪار ڪندي ڪنڌ ڌوڻيو. چرڻ چپائين پئي، ” نه، ڪجهه به نه ٿيو آهي. ڪجهه به ختم ٿي نٿو سگهي. “

” الڪا. “

” جي. “

” مان تنهنجي دک کي سمجهان ٿو الڪري شاديءَ جي ڪا به ڌوم ڌام ڪا نه ڪندس. سپاٽي يا پرڻيءَ پندرهن منٽن اندر هيءَ رسم پوري ڪري ڇڏينداسين.

۽ پوءِ مان توکي هتان بلڪل دور ...“

”منهنجي شادي ٿي چڪي آهي، جڳديش.“

”الڪا!“

ڪافي عرصو اڳ منهنجي ڪمار سان شادي ٿي هئي . پر هن جو خيال هو تہ ہاٽيءَ ۾ لکيل پنجي سگهي ٿي پر هاڻ ڪيس معلوم ٿيو آهي تہ ہاٽيءَ ۾ لکيل نٿي پنجي سگهي ... انڪري ئي مان رات واري گاڏيءَ ۾ اوڏانهن هلي ويندس پنهنجي گهر هلي ويندس.“

”پر الڪا هو تہ ...“

”ضرور زندہ هوندو- منهنجو وشواس آهي.“

”تون خود ئي وٺي ڏسي اچ. جيڪڏهن تنهنجي اتي پهچڻ تائين هو زندہ نہ هجي تہ ...“

”تہ بہ مان اتي پنهنجي گهر ۾ ئي رهندس ... ۽ هڪ وڌوا وانگر حياتي گذاريندس.“ ✿✿

# عظمت ادبي اڪيڊميءَ طرفان
# ڇپايل ڪتاب

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | قيمت |
|---|---|---|
| 1. اکهاڙي (ٽيون ڇاپو) | عمر ميمڻ | 10.00 |
| 2. عشق ٽيون ڇاپو | ” | 14.00 |
| 3. قرب جا ناتا (ٻيو ڇاپو) | ” | 11.00 |
| 4. قيدياڻي جي ڊائري (پنجون ڇاپو) | اختر بلوچ | 12.00 |
| 5. پيار ۽ پاپ | موهن ڪلپنا | ختم |
| 6. پوڙهو ۽ سمنڊ | عمر ميمڻ | ” |
| 7. جنم قيدي (ٻه ڇاپا) | يوسف بلوچ | ” |
| 8. جنگ ۽ انسان (ٽيون ڇاپو) | عمر ميمڻ | 10.00 |
| 9. جي ماريا نه موت (پنجون ڇاپو) | تنوير عباسي | 12.00 |
| 10. ڏراڙن جا ڏک (ٽيون ڇاپو) | ادارو تحريڪ | 14.00 |
| 11. جنس پيار ۽ شادي | عمر ميمڻ | ختم |
| 12. ڳالهيون ڳنوارن جون | ادارو تحريڪ | ” |
| 13. پريت پراڻي ريت نرالي | سندري | ” |
| 14. سنڌي ٻوليءَ کي للڪار (چوٿو ڇاپو) | ادارو ملير | 9.00 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| 15. آن داتا (ٻه ڇاپا) | عمر ميمڻ | ختم |
| 16. ويتنامي ڪهاڻيون | ادارو تحريڪ | „ |
| 17. پيار پيار پيڙا پيڙا | سندري | 10-00 |
| 18. تو جنين جي تات | „ | 11-00 |
| 19. لڳ منهنجا لوهه | محبوب راهوجو | 16-00 |
| (ٽي ڇاپا) | | |
| 20. بي اولاد | عمر ميمڻ | 5-00 |
| 21. ڪرنڊڙ ديوارون | سندري | 12-00 |
| 22. رام محمد ڊيسوزا | عمر ميمڻ | 12-00 |
| 23. علم تدريس مظلومن لاءِ | م. ا. جويو | 35-00 |
| (ٻيو ڇاپو) | | |
| 24. جڏهن جهوڪ جهريو | رشيد ڀٽي | 6-00 |
| (ٻيو ڇاپو) | | |
| 25. اڄو لٽو ۽ اڃهو | عمر ميمڻ | ختم |
| 26. ماڻهوءَ جا قول (ٻه ڇاپا) | لڪانو ٻهراڻي | „ |
| 27. چين ۾ قومي سوال | عمر ميمڻ | 16-00 |
| 28. تاريخ ڇا آهي | „ | 12-00 |
| 29. سچ جو فلسفو | رشيد ڀٽي | ختم |
| 30. محڪريءَ جا مضمون | م. ا. جويو | 25-00 |
| 31. سون ورني ڌرتي | عمر ميمڻ | 27-00 |
| 32. انقلابي شاهراهه | گوبند مالهي | 10-00 |
| 33. چڪين جي چيٽ ڪري | سڪندر عباسي | 30-00 |
| 34. ويرين جي وسندي | رشيد ڀٽي | „ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| .35 | تضاد بابت | ” | ختم |
| .36 | پنڊ اڙانگا پپ جا | پرويز | 10-00 |
| .37 | آمر ۽ آمريت | عمر ميمڻ | ختم |
| .38 | پورهيت انقلاب | ” | 9-00 |
| .39 | پٽنو ۽ تاريخ (ٻيو ڇاپو) | ” | 10-00 |
| .40 | ناري | آ.الا ديوڪي | 7-00 |
| .41 | ويٽنام ۽ ويٽنامي انقلاب | عظيم سومرو | 30-00 |
| .42 | ١٨٥٧ع جي جنگ آزادي ۽ سنڌ | دادا سنڌي | 8-00 |
| .43 | شاهراهه دهلي | پرويز | 21-00 |
| .44 | پٽنو ازم | عمر ميمڻ | 9-00 |
| .45 | چارڻ چوريو چنگ | ” | 8-00 |
| .46 | پٽنو ۽ جمهوريت | ” | 8-00 |
| .47 | پٽنو ۽ سامراج | ” | 7-00 |
| .48 | نيتا ـ جي | منگهارام آريا | 4-00 |
| .49 | سنڌي عوام جو قومي اتحاد | عمر ميمڻ | 4-00 |
| .50 | ڪشمڪش | اي جي آنم | 11-00 |
| .51 | قاسي جي ڪوٺڙي | رنبيرويبر | 21-00 |
| .52 | بنيادي حق | عمر ميمڻ | 16-00 |
| .53 | ڪالاباغ ڊيم | عمر ميمڻ | 5-00 |
| .54 | نيتاجي هندستان کان ٻاهر ڪيئن ويو | لالا آتمچند | 10-00 |
| .55 | ڏونگر ڏک ڏڻام | يوسف سنڌي | 4-00 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| 56. زلفي منهنجو دوست | عمر ميمڻ | 11.00 |
| 57. ڳاڙهو لالٽين (ٻيون ڇاپو) | نجم عباسي | 10.00 |
| 58. سنڌين جو دشمن ڪير | عمر ميمڻ | 11.00 |
| 59. ڪنواري ماءُ | عمر ميمڻ | 12.00 |
| 60. مهاتما گانڌي | رام موٽواڻي | 9.00 |
| 61. اڇا وار ڳاڙها ڳل | سندري اتمچنداڻي | 11.00 |
| 62. وطن يا ڪفن | | 35.00 |
| 63. آسمان جي هيٺ (ٻيو ڇاپو) | خدابخش مغل | 10.00 |
| 64. سک جي وستي | عمر ميمڻ | 12.00 |
| 65. مصر جي آزادي (ڇاپو ٻيو) | هيرانند سوڀراج / مير چنداڻي | 16.00 |
| 66. نيتاجي جرمنيءَ ۾ | | 12.00 |
| 67. 150 جنسي سوال جواب | | 16.00 |
| 68. پيار جو پڪيٽڙو | لڇمڻ ساٿي | 12.00 |

**عظمت ادبي اڪيڊمي**

13 ـ نظام لاج
ڳاڙهي ڪانو حيدرآباد سنڌ

---

نئون ڪوٽ ـ تعلقو ڏکڙي
ضلع ميرپورخاص سنڌ.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book